# پيش لفظ

زيرنظر ڪتاب ”اسلام غيرمسلم ڏاهن جي نظر ۾“ پنهنجي موضوع تي هڪ اهم ۽ منفرد نوعيت جو ڪتاب آهي. دنيا جا اهي ڏاها ۽ مفڪر ۽ دانشور جن پنهنجون زندگيون اسلام سميت مختلف مذهبن. فلسفن ۽ نظرين کي سمجهڻ ۾ صَرف ڪري ڇڏيون. اسلام بابت انهن جي راءِ يقينًا وزنائتي. قيمتي ۽ اهم آهي. هي ڪتاب دراصل اهڙي قسم جي دنيا جي نمايان ڏاهن جي راين تي مشتمل آهي. انهن ڏاهن ۾ هر مذهب سان تعلق رکندڙ دانشور شامل آهن. جن ۾ عيسائي. يهودي ۽ هندومت کان علاوه جديد دور جا مغربي دانشور ۽ مفڪر پڻ شامل آهن.

زير نظر ڪتاب ۾ دنيا جي مختلف دانشورن اسلام جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي آهي ۽ ان جي نمايان گوشن ۽ تعليمات کي اجاگر ڪيو آهي. تفصيلات ته اوهين ڪتاب ۾ پڙهندا. پرهڪ ڳالهه جنهن تي سيئي ممتاز دانشور ۽ فاضل متفق آهن. سا هيءَ آهي ته اسلام هڪ طرف ته انسان جون داخلي ۽ روحاني ضرورتون بهتر ۽ مؤثر طور تي پوريون ڪري ٿو ته ٻي طرف وري انسانن جي جملي مسئلن کي اهڙي سهڻي نموني سان حل ڪري ٿو جو دنيا ان جو مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهي. اهي سيئي دانشور هن ڳالهه تي پڻ متفق آهن ته 14سو سال اڳ جڏهن رومي ۽ ايراني تهذيبون مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪيون هيون ۽ انساني قافلو تباهي جي ڪڌ ۾ ڪرڻ وارو هو ته اهڙي موقعي تي اهو اسلام ئي هو . جيڪو انسانيت جي ڪم آيو. هن تهذيب سان گڏوگڏ علم ۽ سائنس جي قافلي کي پڻ اڳتي وڌايو . انهن جو چوڻ آهي ته دنيا کي سائنس کان به مسلمانن ئي واقف ڪرايو . ورنه مغربي دنيا ۾ ته صدين تائين علم ۽ تحقيق تي سخت پابندي عائد هئي.



اسلام بابت اها گواهي پنهنجن جي ناهي. غيرن جي آهي. دنيا جي مڃيل اسڪالرن ۽ دانشورن جي. پر افسوس آهي جو هينئر جڏهن انسانيت زندگي جي اجتماعي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ بُري طرح ناڪام ٿي چڪي آهي. اها ڪامياب ۽ فطرت سان ٺهڪندڙ نظام ۽ نظريي جي تلاش ۾ آهي. اهڙي موقعي تي اسين اسلام جي آفاقي پيغام ۽ ان جي ڪامياب نظام کي دنيا جي سامهون عملاً پيش ڪرڻ جي بجاءِ اسلام جي صلاحيتن بابت خود غيريقيني ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي چڪا آهيون.

هي ڪتاب مسلمان جي حيثيت سان اسان کي اها ياد دهاني ڪرائي رهيو آهي ته مسلمانو! توهان وٽ زندگي جو اهڙو سرمايو موجود آهي. جنهن کان سڄي دنيا محروم آهي. ٻين مذهبن يا تهذيبن وٽ. مذهب يا تهذيب جي نالي سان جيڪا تعليمات موجود آهي. اها ڏندڪٿائن کان وڌيڪ ناهي. ان ڪري اهي اونده انڌڪار ۾ رهن ٿا. انهن کي اها خبر ناهي ته انسان جي معاشرتي ۽ سماجي مسئلن کي ڪيئن حل ڪيو وڃي. ۽ انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان ڪيئن بڻايو وڃي؟ ان ڪري انسان ذات اڄ زندگي جي سڀني دنياوي نعمتن هوندي به زندگي کان مايوس ٿي رهي آهي.

اهڙي صورت ۾ مسلمانن کي پنهنجي آفاقي دين جو قدر ڪرڻ گهرجي. ان نظريي مطابق بهترين معاشرو قائم ڪري. دنيا کي پڻ اهڙي عظيم الشان نظام کان واقف ڪرائڻ گهرجي.

هي ڪتاب اردو ۾ صديقي ٽرسٽ ڪراچي جي پاران شائع ڪيو ويو آهي. سنڌي ۾ ان جو ترجمو سيد گل محمد شاه صاحب ڪيو آهي.

**محمد موسيٰ ڀٽو**
**24 فيبروري 1990ء**

# اسلام جي نظرياتي قوت

## (ولفريڊ اسمٿ آمريڪا)

مشهور آمريڪي تاريخدان ولفريڊ اسمٿ لکي ٿو:

"محمد ﷺ جن، عرب جي ريگستان ۾ جنهن تهذيب جو بنياد رکيو. اها تهذيب جيڪڏهن علائقائي نوعيت جي هجي ها ته پوءِ مغربي معاشري کي موجوده چيلنج سان منهن ئي ڏيڻو نه پوي ها ۽ ڪيس اسلام کان خطرو ئي نه هجي ها، پر اسلام ته مغرب جي سڄي تاريخ کي متاثر ڪيو آهي، هڪ دور ۾ اسلام جي پاران مغرب کي مليل چيلنج ايترو ته زبردست ۽ سخت هو. جو مغرب جو سڄو وجود ئي لوڏن ۾ پئجي ويو هو. اهو چيلنج جنگي نوعيت جو به هو ته نظرياتي نوعيت جو پڻ، ان سان منهن ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. جنگي ميدان ۾ مسلمانن جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون، ان جي ڪري اوير ملڪن مان مغربي تهذيب جو اثر ختم ٿي چڪو هو. ۽ عيسائي دنيا جي هٿن مان رومي سلطنت جا مضبوط قلعا نڪري چڪا هئا ۽ اهو خطرو پيدا ٿي چڪو هو ته ڪٿي مسلمان سڄي رومي سلطنت تي قبضو نه ڪري وٺن. جيتوڻيڪ مصر ۽ شام جي ابتڙ قسطنطنيه جا رهواسي عربن جي مقابلي ۾مضبوط جميا رهيا، پر مسلمانن جون نظرون هميشه عيسائيت جي هن عظيم قلعي تي کُتل رهيون. نيٺ اهو وقت به اچي ويو جو مسلم تهذيب جي ٻي وڏي ڪاهه جي دوران قسطنطنيه به عيسائين جي هٿن مان نڪري ويو.

مسلمانن جي ڪاهن جو اهو سلسلو پوءِ به جاري رهيو ۽ 1529ع ۾ مسلمان فوجون ويانا تائين پهچي ويون. 1683ع ۾ مسلمان لشڪر، وري فتح ۽ نصرت جا جهنڊا لهرائيندو يورپ ۾ گهڙي ويو.



هي ته هو مسلمانن جو جنگي محاذ. نظرياتي ۽ فڪري محاذ تي به مسلمانن زبردست ڪاميابيون حاصل ڪيون، محمد ﷺ جن پنهنجي امت کي زندگي گذارڻ جا چند واضح ۽ چٽا اصول ٻڌايا، اهي اصول ڀائپي، برابري، عدل ۽ انصاف تي ٻڌل هئا. ۽ انهن اصولن کي پکيڙڻ سيني مسلمانن جو فرض هو ۽ انهن جي تبليغ ۽ حفاظت لاءِ ضروري هو ته مسلمان پاڻ ۾ متحد رهن يا پاڻ کي طاقتور رکن ۽ ضرورت جي وقت جهاد ڪن، جهاد جي شروعات (624ع بمطابق2 هه) ۾ بدرجي ميدان کان ٿي هئي، جڏهن محمد ﷺ جن جي اڳواڻي ۾ مسلمانن ڀرپور ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، هي هن عظيم سياسي، نظرياتي ۽ جنگي مهم جو آغاز هو. جنهن سئو سالن جي اندر اندر عرب جي رڻ پٽ جي رهاڪن کي ڳوناٽي زندگي مان ڪڍي. دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچائي، مهذب ۽ متمدن بڻائي ڇڏيو. جنگ بدر کان 108 سال پوءِ مسلمان فرانس جي اندر فرينڪس (Franks) سان مقابلو ڪري رهيا هئا، هو اتر آفريقه ۽ هسپانيه کي فتح ڪري چڪا هئا، ساساني حڪومت مسلمانن جي اڳيان پنهنجا هٿيار ڦٽي ڪري رهي هئي، اناطوليه ۽ يورپي علائقن کي ڇڏي، باقي بازنطيني سلطنت جا سمورا صوبا مسلمانن جي قبضي ۾ اچي چڪا هئا، انساني تاريخ ۾ تيزي سان ڪاميابي ۽ فتحن مٿان فتحون حاصل ڪرڻ جو اهڙو بيو مثال ملي نٿو سگهي، اها ڪاميابي ڪنهن مضبوط ۽ منظم تاريخي قوت يا حڪومت جي ڪاميابي نه هئي، پر نئين سراپرندڙ سياسي ۽ نظرياتي طاقت جي ڪاميابي هئي، جنهن ويهن سالن جي اندر اندر فلسطين، شام، عراق، مصر ۽ ايران کي پنهنجي ڪنٽرول هيٺ آڻي ڇڏيو هو.

سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر هن طاقت کي ايڏي حيرت انگيز ڪاميابي ڪيئن حاصل ٿي، ان وقت عرب، ساساني ۽ بازنطيني حڪومتن جي وچ ۾ ڦاٿل هو. تهذيبي طور تي ته اهي ٻئي رياستون زوال پذير هيون، پر اهي

جنگي لحاظ کان بظاهر طاقتور ۽ ناقابل شڪست هيون. قيصر ۽ ڪسريٰ جون فوجون. عسڪري سائنس جي مجيل اصولن مطابق ته مسلمانن جي فوج سان منظم طريقي سان جنگيون لڙيون هيون. پر هر ويڙهه ۾ عربن کي هنن تي سوڀ مٿان سوڀ حاصل ٿيندي رهي.

مسلم تهذيب جي پکڙجڻ ۾، جنگي فتحن سان گڏوگڏ هڪ ٻئي شيءِ کي به عمل دخل حاصل آهي. جنگ جي ميدان ۾ دشمن مٿان سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ مسلمانن جيڪو جهاد ڪيو . ان کي هنن پنهنجو مذهبي فرض سمجهيو هو . مسلمان فاتحن ڪڏهن به فتح ڪيل ملڪ جي آباديءَ جي مٿان تلوار نه هلائي هئي ۽ انهن کي نقصان نه پهچايو هو. مفتوح ملڪن جي عيسائي ۽ يهودي رهاڪن، جڏهن مسلمانن جو سنو سلوڪ ۽ رواداريءَ جو برتاءُ ڏٺو ته اهي متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه سگهيا، ۽ اهو انهن جو پهريون تجربو هو . ڇاڪاڻ ته مسلمانن کان اڳ جن فاتحن به ڪو ملڪ فتح ڪيو هو ته انهن امن ۽ سلامتي جي بجاءِ ظلم ۽ بربريت، تباهي ۽ بربادي آندي هئي ۽ ظلم سان راڄ ڪيو هو .

حضرت محمد ﷺ جن مذهبي رواداريءَ جا جيڪي اصول ڏنا هئا، مسلمان سختي سان انهن اصولن تي هلندا رهيا، انهن اصولن مطابق عيسائين ۽ يهودين کي به امن ۽ سلامتيءَ سان زندگي گذارڻ جو حق حاصل هو ۽ اهي مسلمان حڪومتن ۾ پنهنجي مذهبن تي قائم هيا. ۽ کين هر قسم جا حق حقوق عملاً حاصل هيا، بلڪل ائين جيئن مسلمانن کي پنهنجا حق ملندا هئا. انهن جون زمينون ۽ ملڪيتون محفوظ هيون، سندن جان ۽ عزت کي ڪو به خطرو نه هو. ان جي عيوض هو رڳو ٽيڪس (جزيو) ادا ڪندا هئا، مفتوح علائقي جا باشندا اهڙي قسم جي رواداري جو ته تصور به نه پيا ڪري سگهن. ان کان اڳ کين فقط اهو علم هو ته انسان ٻن قسمن جا آهن، هڪڙا فاتح ۽ ٻيا مفتوح، هڪڙا ظالم ٻيا مظلوم، هڪڙا حاڪم ٻيا محڪوم، هڪڙا جابر ٻيا مجبور، هڪڙا امير ته ٻيا غريب- بس



مسلمان فاتحن کين ٻڌايو ته انسان ته واقعي ٻن قسمن جا هوندا آهن، پر انهن جا ٻه قسم ٻيا به آهن، يعني هڪڙا نيڪ ته ٻيا خراب، فرق رڳو نيڪي ۽ بديءَ جو آهي، ورنه انصاف ۽ قانون جي نظر ۾ سڀئي انسان هڪجهڙا آهن. فتح ٿيندڙ علائقن جي عوام رواداري ۽ مساوات تي ٻڌل هن نئين نظام کي ذهني طور تي قبول ڪري ورتو . جزيي جي رقم ايتري ته معمولي هئي جو اها آساني سان ادا ڪري سگهيا ٿي، ان کان اڳ اهي بازنطيني ۽ ساساني حڪمرانن کي ڍل ۽ ٽيڪس ڏيندا هئا. ڍل يا ٽيڪس جي صورت ۾ ڪڏهن ڪڏهن ته انهن کي پنهنجون ملڪيتون، زمينون ۽ نياڻيون به حڪمرانن کي ڏيڻيون پونديون هيون.

مسلمان فاتحن جي رواداري ۽ اسلامي نظريي جي ڇڪ لکين عيسائين ۽ يهودين کي اسلام ۾ داخل ڪري ڇڏيو . اها ڪاميابي جنگي نوعيت جي به هئي، پر نظرياتي فتح هئي، مغربي تهذيب کي مسلمانن کان جيڪو خطرو آهي اهو فوجي لحاظ سان ناهي، پر اهو نظرياتي نوعيت جو خطرو آهي.

# مغرب کي ڪميونزم کان نہ پر
## اسلام کان خطرو آهي
### (ارسڪن چائلڊرز، آمريڪا)

آمريڪي تاريخدان ارسڪن چائلڊرز لکي ٿو تہ مغربي تهذيب کي بہ وڏا خطرا آهن. هڪ اسلام، جنهن جو بنياد محمد ﷺ رکيو هو ، ٻيو خطرو ڪميونزم، پر اسلام ۽ ڪميونزم جي ٻنهي خطرن جي وچ ۾ وڏو فرق آهي. 1948ع ۾ جڏهن چيڪو سلواڪياتي ڪميونزم جو قبضو ٿيو هو تہ مغربي دنيا ۾ پريشاني پيدا ٿي ويئي هئي، پر هي ڪا ايڏي وڏي پريشاني نہ هئي. ان جي مقابلي ۾ اسلام سون سالن تائين مغرب جي وجود کي لوڏي ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ انهن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي هئي. مغرب وارن لاءِ ڪميونزم جو نظرياتي حملو خطرناڪ ناهي، پر ماضيءَ ۾ اسلام نظرياتي ۽ جنگي اعتبار کان ايڏو تہ طاقتور رهيو آهي، جو عيسائي دنيا شديد خطري جي حالت ۾ مبتلا هئي، مسلمانن جو حملو فڪري ۽ نظرياتي نوعيت جو بہ هيو تہ عملي ۽ جنگي نوعيت جو پڻ هو. مسلمانن جي پاران نظرياتي خطرو، توحيد جو نظريو آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ الله هڪڙو آهي، ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ ڪري نٿو سگهجي، جيئن تہ عيسائيت ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي خدا جو پٽ قرار ڏنو ويو آهي، ان ڪري عيسائيت کي سچو مذهب هرگز نٿو چئي سگهجي، عيسائيت جو مرڪز يورپ هيو ۽ ان جي تهذيب اسلامي تهذيب کان بلڪل مختلف هئي، اهو نظرياتي اختلاف هيو ۽ مسلمانن ان کي عملي شڪل ڏني. عيسائي دنيا وس آهر هن چيلنج جو مقابلو ڪيو ، پر اها مسلمانن جي قوت جي اڳيان بيهي نہ سگهي، ايستائين جو عيسائي دنيا جو اڌ حصو مسلمانن جي اثر هيٺ اچي ويو . اسلام اها واحد موثر قوت آهي، جنهن عيسائيت کي مشرڪانہ مذهب



قرار ڏنو. اهو اسلام ئي آهي، جنهن ڪروڙين عيسائين کي پاڻ ڏانهن رجوع ڪرايو. اڄ بہ مغربي دنيا کي ڪميونزم کان ايترو خطرو ناهي، جيترو مسلمانن کان آهي تہ خبر ناهي تہ، اهي ڪڏهن ٻيهر قوت سان اڀري اچن. مغرب وارا آزاد خيالي جي موجوده لاڙن جي باوجود مسلمانن کي طاقتور ٿيندي هرگز نٿا ڏسي سگهن ۽ جنگي اعتبار سان مسلمانن کي وڏي طاقت بنجڻ کي اهي هرگز برداشت نہ ڪندا.

# انسان ذات مٿان اسلام جا احسان

## ڊاڪٽر نيپول بيگٽ ، آئرليند

اسلام ۾ ڪي اهڙيون خاصيتون آهن، جيڪي دنيا جي ڪنهن ٻه ٻئي مذهب ۾ ناهن. ٻين مذهبن ۽ اسلام جي وچ ۾ وڏو فرق اهو آهي ته ٻيا مذهب انسان کي دنيا کان پري ڪري، گوشه نشيني اختيار ڪرڻ جي تعليم ڏين ٿا. جڏهن ته اسلام دنيا ۽ ڪاروبار جي مصروف زندگي اختيار ڪرڻ جي تعليم ڏي ٿو . اسلام جو چوڻ آهي ته سندس پيروڪار دنياوي معاملن ۾ ڀرپور حصو وٺن. اسلام دنيا کي آخرت جي پوک قرار ڏي ٿو . اسلام جي انهي تعليم جو نتيجو آهي، جو اسلام هر زماني جي حالتن ۽ ترقي جو ساٿ ڏيئي سگهي ٿو ۽ هي اسلام جي ايڏي وڏي خوبي آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. مذهبن جو غور سان مطالعو ڪرڻ سان آئون هن نتيجي تي پهتو آهيان ته دنيا ۾ رڳو اسلام ئي اهڙو مذهب آهي، جنهن انسان ذات جي لاءِ ترقي جون واٽون کولي ڇڏيون آهن ۽ انسان ذات جي سڀ کان وڏيڪ خدمت ڪئي آهي. جيئن ته مون کي اسلام جي انهيءَ خوبيءَ سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي، تنهن ڪري مان ان کي پسند ڪريان ٿو. منهنجي نظر ۾ موجوده ترقي يافته زماني ۾ اهو ئي مذهب هلي سگهي ٿو ، جيڪو انسان جي ذهني ترقي جو ساٿ ڏيئي سگهي ۽ ديني ۽ دنياوي معاملن ۾ انسانن جي رهنمائي ڪري سگهي، اسلام ۾ اها وصف پوري طرح موجود آهي، ان ڪري اسلام جو مستقبل روشن آهي، اسلام ۽ دنيا جي ٻن مذهبن جي وچ ۾ بنيادي فرق اهو آهي ته ٻين مذهبن جي تعليمات فقط الله ۽ ٻانهي جي تعلقات تائين محدود آهي، پر اسلام الله ۽ ٻانهي جي وچ ۾ تعلقات سان گڏوگڏ دنيا وارن کي پاڻ ۾ بهتر تعلقات



قائم ڪرڻ لاءِ پڻ زور ڏي ٿو. اهڙي طرح اسلام هڪجهڙائي ۽ محبت جي پاڪيزه جذبات کي وڌائي ٿو، جنهن سان قومون سڌرن ٿيون.

اسلام جو وڏو مقصد اهو آهي ته الله تعاليٰ انسان کي غور فڪر ۽ عمل جون جيڪي قوتون ڏنيون آهن، تن کي هو آزاديءَ سان ڪتب آڻي، جيئن ته اسلام انسان کي اڪيلي الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جي تعليم ڏي ٿو . ان ڪري انسان ذات کي بيشمار هٿرادو ۽ باطل خدائن جي غلامي کان نجات ملي وڃي ٿي، انسان ذات تي اهو اسلام جو سڀ کان وڏو احسان آهي، جنهن جو مثال دنيا جو ڪوبه مذهب پيش ڪري نٿو سگهي.

دنيا ۾ ٿيندڙ سموري ترقي غور فڪر جي ڪري ٿي آهي، اسلام اهو پهريون مذهب آهي، جنهن انسان جي دماغ کي ڊپن مان ماهر ڪڍيو ۽ آزادانه غوروفڪر جي تعليم ڏني، دنيا ۾ مسلمانن جي ترقيءَ جو سبب اهو هو ته هو ذهني طور آزاد هيا، جڏهن ته ان زماني ۾ عيسائيت پنهنجي مڃيندڙن جي ذهنن تي قلف لڳائي ڇڏيا هيا.

اهو اسلام جي توحيد جي دعوت جو نفسياتي اثر هيو، پر جڏهن اسين نج دنياوي نقطه نظر سان ڏسون ٿا ته اهو مڃڻ تي مجبور ٿيون ٿا ته اسلام دنياوي لحاظ کان به انسان ذات کي ايترو ته گهڻو فائدو رسايو آهي، جو دنيا جي سڀني مذهبن ۽ غيرمذهبي اصلاحي تحريڪن گڏجي به ايترو فائدو ڪون پهچايو آهي. مثال طور مسلمانن جي علم ۽ فن تي نظر وجهي ڏسو ته معلوم ٿيندو ته عيسائيت جي اثر سبب يوناني علم ۽ فن بلڪل ختم ٿي چڪا هئا، مسلمان جيڪڏهن انهن علمن ۽ هنرن کي ٻيهر زنده نه ڪن ها ته اڄ دنيا هوند انهن علمن ۽ فنن کان محروم ٿي وڃي ها، انهن علمن هن وقت جيڪا ترقي ڪئي آهي، انهن جو سِهرو مسلمانن جي سر تي آهي. جيڪڏهن مسلمان نه هجن ها ته آخر سائنسي علمن کي ڪير زنده ڪري ها؟ تنهن ڪري انسانن مٿان اهو به اسلام ۽ مسلمانن جو عظيم احسان آهي.

دنيا هڪ ٻئي جي تعاون کان سواءِ ترقي جي واٽ تي هڪ وک به اڳتي نٿي وڌي سگهي. اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت قومن جي هڪ ٻئي سان سخت ويڙهه جاري هئي. انهن جي وچ ۾ مذهب جي پردي ۾ هڪ ٻئي جي خلاف نفرت جي باه ڀڙندڙ هئي. رنگ، نسل ۽ خون جي اختلافن انهن کي هڪ ٻئي کان پري ڪري ڇڏيو هو ۽ جاگرافيائي فرق الڳ هو. پر اسلام ايندي شرط هڪ طرف ته اهو اعلان ڪري ڇڏيو ته مذهبي عقيدن جي اختلاف سبب انسانن جو هڪ ٻئي سان تعلق ختم نه ٿيڻ گهرجي، ٻئي طرف وري هن اها تعليم ڏني ته رنگ، نسل ۽ جاگرافيائي تقسيم انساني رشتن کي هرگز ٽوڙي نٿي سگهي ۽ انهن کي نقصان رسائي نٿي سگهي، اهڙيطرح اسلام جي صدقي انسانن کي پهريون دفعو اها حقيقت معلوم ٿي ته هو پنهنجي ڌار خاصيتن ۽ روايتن جي هوندي به عالمگير انساني برادري جا رڪن بڻجي سگهن ٿا ته ٻين لاءِ فائدي مند پڻ ثابت ٿي سگهن ٿا. اسلام هن تعليم ذريعي پهريون ڀيرو انسان ذات جي مختلف گروهن جي اندر اها صلاحيت پيدا ڪئي ته اهي تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ لاءِ گڏجي ڪوششون ڪن. دنيا تي اسلام جو اهو ٿيون زبردست احسان آهي، جنهن کان ڪابه سمجهدار ۽ انصاف پسند قوم انڪار ڪري نٿي سگهي.

انساني ترقيءَ بابت اسلام جي فقط اها ئي هڪڙي تعليم ناهي، پر هن معاشري ۾ ٻيا به ڪيترائي اهڙا سڌارا آندا، جن سان انسان ذات کي هر دور ۾ فائدو پهچندو رهيو آهي. مثال طور هن پهريون دفعو عورت کي انساني سماج ۾ عزت جو مقام ڏنو. هن غلامن جي زندگي جي معيار کي بلند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ايڏو بلند معيار، جنهن تي غلامن جا مالڪ به ريس ڪري سگهن ٿا.

اسلام دنيا ۾ انسانن جو هڪڙو اهڙو ٽولو پيدا ڪري ڇڏيو، جيڪو هر دور ۾ اسلام جي تعليم تي عمل پيرا رهندو آهي. اسلام جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته اسلام مذهب کان وڌيڪ هڪ اصلاحي تحريڪ آهي، جنهن مان مسلمانن کان سواءِ ٻين مذهبن وارا به فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. مختصر اهو ته اسلام دنيا جو واحد مذهب آهي، جنهن انسان ذات کي سڀ کان وڌيڪ فائدا پهچايا آهن.



# اسلام عالمگير وحدت ۽ برادري جو علمبردار

## پروفيسر آسٽن مور، نيوزي لينڊ.

مان مختلف مذهبن جو غور سان مطالعو ڪرڻ کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اسلام ۾ ڪي اهڙيون خاصيتون آهن، جيڪي ٻين مذهبن ۾ ناهن. هتي اهو بحث ناهي ته اسلام ۽ ٻين مذهبن جا عقيدا ڪهڙا آهن ۽ دنيا جي مختلف مذهبن پنهنجن مڃيندڙن لاءِ عبادت جا ڪهڙا طريقا مقرر ڪيا آهن. هتي اسين فقط اهو ڏسڻ چاهيون ٿا ته مختلف مذهبن، آخرت ئي نه، پر اسان جي هن دنيا کي سڌارڻ لاءِ ڪهڙا طريقا ڏسيا آهن.

مختلف مذهبن جي مطالعي کان پوءِ مون کي محسوس ٿيو آهي ته اڪثر مذهبن، دنيا کي صفا وساري ڇڏيو آهي، سندن تعليم، رڳو عاقبت جي زندگي کي سڌارڻ تائين محدود آهي. پر اسلام اهو اڪيلو دين آهي، جنهن مذهب سان گڏ دنيا کي سڌارڻ جي پڻ ضرورت محسوس ڪئي آهي ۽ دنيا کي آخرت جي پوک قرار ڏنو آهي. اسلام، حقيقت ۾ هڪ عالمي برادري پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، جنهن ۾ مختلف مذهبن جا ماڻهو، پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا ڀائر بڻجي، گڏجي سڏجي زندگي گذارين، ۽ دنيا جي نعمتن ۾ هڪ جهڙا شريڪ ٿين. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام، جاگرافيائي حدن ۽ نسل ۽ مذهبي فرق ختم ڪري، هڪ اهڙو قدم کنيو آهي، جنهن مان اسان کي ڪافي رهنمائي حاصل ٿي سگهي ٿي.

موجوده دنيا، جاگرافيائي، نسلي ۽ مذهبي اختلافن کان بلند ٿي هڪ عالمگير انساني برادري قائم ڪرڻ گهري ٿي، اهڙي برادري، جنهن ۾ هر قوم کي ٻي قوم جو برادرانه تعاون حاصل ٿئي، ڪابه قوم ٻي قوم جي محتاج يا دست نگرنه رهي ۽ الله تعاليٰ جي نعمتن ۾ سڀئي برابر فائدو حاصل

ڪري سگهن . اقوام متحده جو قيام بہ انهيءَ مقصد خاطر ئي عمل ۾ آيو هو پر ان مقصد ۾ معمولي ڪاميابي بہ حاصل ٿي نہ سگهي آهي .

اڄ ويهين صديءَ ۾ انساني وحدت ۽ اخوت لاءِ جيڪا ڪوشش ٿي رهي آهي. اسلام چوڏهن سو سال اڳ گهٽي پاڳي اهو مقصد حاصل ڪري ورتو هو . ۽ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ انساني برادريءَ جو قيام ناممڪن ڪونهي .

اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ جڏهن اسلام عالمگير برادريءَ جو جهنڊو کڙو ڪيو تہ ان مقصد جي حاصلات لاءِ مسلمانن وٽ اهي مادي وسيلا موجود ڪونہ هيا . جيڪي موجوده دور ۾ پيدا ٿيا آهن. ان کان سواءِ ان دور جي مسلمانن کي انساني برادري جي مختلف قومن جي حمايت پڻ حاصل ڪين هئي. انهن مشڪلاتن جي باوجود مسلمان هن عظيم مقصد ۾ ڪامياب ٿيا . انهن جي ڀيٽ ۾ موجوده دور ۾ جڏهن انساني برادري کي گڏ ڪرڻ جو رجحان بہ عام آهي ۽ وسيلا بہ موجود آهن. پر ان سلسلي ۾ وک اڳتي ڇو نہ ٿي وڌي ؟ اهو اهم سوال آهي . اچو تہ اهو ڏسون تہ اسلام اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو طريقو اختيار ڪيو هو. اهو ڪهڙو هيو .

اسلام جڏهن اهو مقصد هٿ ۾ کڻي اٿيو تہ ان وقت انهيءَ واٽ ۾ ڪي رڪاوٽون موجود هيون. جن کي دور ڪرڻ جو هن اعلان ڪيو . اهي رڪاوٽون هزارن سالن کان وٺي انسانن کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي خلاف ويڙهائي رهيون هيون . مثال طور اسلام کان اڳ انسان. خود مذهب کي عالمگير برادريءَ جي اتحاد جي واٽ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بنائي ڇڏيو هو . ان کان سواءِ رنگ. نسل ۽ وطنيت جي نظريي بہ انسانن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏيو هو . عربن جي اندر پڻ اهي اختلاف موجود هيا. اسلام جرءت سان انهن تباه ڪندڙ شين خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو. اسلام ٻڌايو تہ نسل . قوميت . رنگ . زبان وغيره سان برتري حاصل ٿي نٿي سگهي ٿي البته اهي شيون قومن جي اتحاد جي واٽ ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهن ٿيون.



اسلام جي اها تعليم فقط اعلان يا نصيحت تائين محدود نہ هئي. پر اسلام ان کي عملي شڪل پڻ ڏني . اسلام پنهنجي معاشري ۾ انهن اصولن کي نافذ ڪيو ۽ هن غير مسلم قومن سان انساني سطح تي برادرانہ تعلقات قائم ڪيا . جيئن تہ اسلام جو اهو فڪر ۽ عمل انساني فطرت مطابق هو . تنهن ڪري دنيا تي ان جو تمام سٺو اثر ظاهر ٿيو . ۽ قومن جي وچ ۾ تعلقات ۽ بين الاقواميت جو لاڙو پيدا ٿيو . جيئن تہ انسان. هزارن سالن کان وٺي. نسلي ۽ قبائلي اختلافن جو شڪار رهيا هئا. ان ڪري اسلام دنيا کي دعوت ڏني تہ قومن جي معاشي ڦرلٽ هرگز نہ ڪرڻ گهرجي . رنگ. نسل يا مذهب جي آڌار تي ڪنهن سان بہ نفرت نہ ڪرڻ گهرجي . پاڻ ۾ ڪيل معاهدن کي نڀايو وڃي. اسلام جي انهيءَ اصولي تعليمات ڪيترين ئي غلط فهمين ۽ نفرتن کي دور ڪري ڇڏيو اهڙيءَ طرح انسانن جا مختلف ٽولا صدين کان پوءِ پهريون ڀيرو هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ لڳا ۽ دنيا وحدت جو نظارو پيش ڪرڻ لڳي. عالمي برادري جي قيام لاءِ اسلام جيڪي تدبيرون اختيار ڪيون. سي موجوده دور جي تدبيرن کان مختلف هيون. اسلامي حڪومت اصولن تي عمل ڪرائڻ جي ذميوار هئي . تاريخ شاهد آهي تہ مسلمانن انهيءَ تعليم تي پوري طرح عمل ڪيو ۽ خلاف ورزي ڪندڙن کي سزائون پڻ ڏنيون. پر موجوده دنيا جي صورتحال بلڪل مختلف آهي . جيئن تہ اتحاد انساني جون داعي موجوده طاقتون ۽ قومون پاڻ انهيءَ اعلان ۾ مخلص ناهن. ان ڪري اهي خود بہ انهيءَ تي عمل نٿيون ڪن .

اسلام. بين الاقوامي انساني برادري جي قيام لاءِ جيڪو نظريو پيش ڪيو آهي . ان کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ اسلام واري واٽ ئي اختيار ڪرڻي پوندي . پر ان مقصد لاءِ جيڪڏهن ان کان سواءِ ٻي ڪا واٽ اختيار ڪئي وئي تہ پوءِ منزل مقصود تائين هرگز پهچي نہ سگهبو .

# اسلام عقل ۽ دليل جو مذهب آهي

## (گارڊن چائلڊ)

ڪيترا ماڻهو آهن، جيڪي اسلام کي مذهب جي حيثيت ۾ سڃاڻن ٿا، پر ڪي ٿورا ماڻهو آهن ، جن کي اهو معلوم آهي تہ اسلام تحريڪ پڻ آهي ، ٻين لفظن ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اسلام دنيا جي سڀني مذهبن ۾ هڪ بي مثال مذهب آهي ، هي هڪ تاريخ بہ آهي تہ طاقتور تحريڪ پڻ ، هي سياست بہ آهي تہ معاشرت پڻ .

اسلام جي پيڙهہ جو پٿر قرآن ، نفسيات جو پهريون ڪتاب بہ آهي تہ روحانيت جو آخري ڪتاب پڻ آهي. هو دنيا ۽ آخرت ٻنهي جو مجموعو آهي، جيڪو، انسان ذات کي سڀني مذهبن کان بي نياز ڪري ڇڏي ٿو . قرآن جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اهو ميڄو پوي ٿو تہ اسلامي عقيدي کي هڪ پاسي رکي جيڪڏهن قرآن جو مصنف ڪنهن انسان کي مڃجي تہ اهو پنهنجي دور جو نہ، پر ڪيترن ئي زمانن جو عظيم معلم (1) آهي، پهرين ڳالهہ هي آهي تہ قرآن جو مصنف دليل ۽ بصيرت سان ڀرپور آهي ، هو ڪابہ ڳالهہ بنا دليل جي نٿو ڪري . هو هر ڳالهہ ۾ عقل ۽ بصيرت کان ڪم وٺڻ جي دعوت ڏئي ٿو . عقل کان ڪم نہ وٺڻ وارن کي جانورن سان تشبيہ ڏئي ٿو .

تاريخ نگارن لاءِ اها ڳالهہ انتهائي حيران ڪندڙ آهي تہ عرب جا ڏنار، بغداد ۽ قرطبہ ۾ مختلف علمن ۽ فنن جا پايو وجهندڙ ڪيئن ٿيا. عربن ۾علمي ذوق ڪيئن پيدا ٿيو، ان بابت مختلف رايا آهن،هر ڪنهن مختلف سبب ٻڌايا آهن ، ڪنهن عربن جي علمي ذوق کي " اتفاق " قرار ڏنو آهي تہ ڪنهن وري اهو چيو آهي تہ يونان جي علم، حڪمت ۽ فلسفي جي اثر جو نتيجو آهي ، حالانڪ يوناني حڪمت ڏانهن اهائي قوم اچي سگهي ٿي،



جنهن ۾ پهريائين علمي رجحان موجود هجي ، پر عرب انهيءَ رجحان کان خالي هئا، جيڪڏهن اهي تاريخدان قرآن کان واقف هجن ها تہ انهن کي پري وڃڻ جي ضرورت نہ پوي ها، ڇاڪاڻ تہ قرآن، عقل جي اهميت تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي ، اها ڳالهہ تہ واضح آهي تہ جڏهن قوم جو دين عقل ۽ دليل حڪمت ۽ سائنس جي مخالفت جي بجاءِ، ان جي اهميت جو قائل هوندو تہ اهڙو دين، يقينا ترقي ڪندو، جيڪڏهن قرآن عقل ۽ دليل جي حمايت نہ ڪري ها تہ مسلمان علم ۽ حڪمت جا ڏٽي ڪيئن ٿي سگهن ها ۽ اسپين جي ذريعي علم ۽ سائنس جي روشني يورپ تائين ڪيئن پهچي سگهي ها؟

گارڊن چائلڊ وڏيڪ لکي ٿو:

اسان جي ترقي يافتہ دور ۾ فنون لطيفہ کي تمام وڏيڪ فروغ مليو آهي. هي فن اسان جي سماج جو اهم جزو بڻجي چڪو آهي ، پر دنيا کي اها ٻڌي تعجب ٿيندو تہ قرآن ۾ فنون لطيفہ لاءِ ڪابہ گنجائش نہ آهي .

جن ماڻهن فنون لطيفہ يعني حسن ۽ جمال جي دنيا ۾ زندگي گذاري آهي ، ۽ ان کي ترقي تائين پهچايو آهي ، اهي يقيناً مايوس ٿيندا تہ اسلام ۾ سندن ذوق جي تسڪين لاءِ اها شيءِ موجود ناهي ، ليڪن قرآن کي پيش ڪرڻ واري جي تعريف ڪرڻي پوي ٿي تہ هن اخلاق ۽ ڪردار کي خراب ڪندڙ سڀني شين جي نهايت همت ۽ جرات سان مخالفت ڪئي آهي ، ۽ ان آرٽ کي چيلنج ڪيو آهي ، جنهن جي ذريعي اخلاق ۽ ڪردار کي تباه ڪيو پيو وڃي ، قرآن جي انهيءَ اصلاحي ۽ تنقيدي تحريڪ جي اهميت جو اندازو تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن هڪ ڊگهي عرصي کان پوءِ انهيءَ آرٽ جا فساد ۽ معاشري جي تباهي جا نتيجا ظاهر ٿين ٿا. اسان جو فن ڇا آهي ؟ عقل کي گمراه ڪرڻ ۽ نفس کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏيڻ وغيره. قرآن مجيد بت پرستي جي مذمت ڪري ٿو، آرٽ جي اڏ عمارت کي تہ هو ڊاما ڊول ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ آرٽ قديم زماني کان وٺي، مجسمن ۽ تصويرن جي

شرمناڪ حصن جو يادگار رهندو پئي آيو آهي ۽ جنسي تعلقات کي اپاريندو رهي ٿو، جن تي حسن جو پردو چڙهيل آهي . قرآن، فطرت جو تہ آئينو آهي، پر اهو فحاشي ۽ اگهاڙپ جو مخالف آهي .

اسان جي معاشري ۾ اڄڪلهہ فنون لطيفہ کي وڏي اهميت حاصل آهي، پر اهو وقت اچڻ وارو آهي، جو هن فن جا فساد ظاهر ٿيندا ۽ قرآن جون بيان ڪيل اڳڪٿيون حقيقت بڻجي سامهون اينديون .

قرآن جن عملن تي روشني وڌي آهي ۽ ان تي وڌ ۾ وڌ زور ڏنو انهن کي پڙهندي يقين ٿئي ٿو تہ صاحب قرآن، دين ۽ دنيا کي ملائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. پنج وقت نماز پڙهي وڃي ٿي، جنهن سان زندگي هميشہ متحرڪ ۽ فعال رهي ٿي . خالق حقيقي سان تعلق جوڙڻ ۾ نماز سڀ کان موثر شيءِ آهي. فرد جڏهن مسجد ۾ داخل ٿئي ٿو تہ اهو رڳو الله سان ئي پنهنجو تعلق قائم نٿو ڪري، پر مخلوق سان بہ تعلق جوڙي ٿو، ان جا تصورات بہ نماز جي ذريعي پيدا ٿين ٿا . حج جي آئيني ۾ بہ دين ۽ دنيا جا عڪس گڏيل نظر اچن ٿا. حج ڪرڻ سان اهو سڀ ڪجهہ حاصل ٿي وڃي ٿي، جيڪو اجتماعي عبادت جو مقصد آهي. ڪو آپريٽو سوسائٽيون ۽ امداد باهمي جون انجمنون تہ موجوده دور جون پيدا وار آهن، پر قرآن زڪواة جو نظام قائم ڪري، اهي سمورا مقصد حاصل ڪري ورتا آهن . جيڪي اڄ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. زڪواة جي نظام ۾ وفاداري ۽ قرباني جا جذبا موجود آهن . جن کان موجوده دور جون ٻيون انجمنون خالي آهن. قرآن، زڪواة کي واپارتي فوقيت ڏي ٿو، جنهن جو مزاج جديد دور جي ڪنهن بہ تحريڪ ۾ ملي نٿو سگهي. روزي جي باري ۾ اهو چوڻ ڪافي آهي تہ ان ۾ انساني ڪمزورين جو پورو پورو خيال رکيو ويو آهي . اسلام جي روزي جي مقابلي ۾ ٻين مذهبن جا روزا بلڪل بي حيثيت آهن انهن سان نفسانيت کي ڪنٽرول ڪرڻ جو مقصد حاصل ئي نٿو ٿئي. قرآن کي ٻين ڪتابن مٿان برتري حاصل آهي ، ان ۾ سياست ۽ حڪمراني ڪرڻ جا پڻ اصول موجود آهن .



انهن اصولن ۾ ايترو تہ زور ۽ اثر آهي جو پڙهڻ وارو يڪدم متاثر ٿئي ٿو. قرآن، سياست ۾ معمولي ڪمزوري بہ نہ ڏيکاري آهي. سياست بابت تعليم جي هر پهلو ۾ ايترو تہ زور ۽ اثر آهي ، جيترو فطرت جي تقاضا آهي، سڀ کان وڌيڪ اهو تہ قرآن،خدا جي خوف ، اخلاق ، خدمت خلق ۽ آخرت جي عقيدي کان سياست کي پري نہ ڪيو آهي ، هي اها خوبي آهي، جنهن کان موجوده سياست خالي آهي . ان ڪري ئي اسين ٻن عالمگير جنگين جو شڪار ٿي ويا سون ، مان تہ ايترو بہ چوندس تہ يورپ جا بين الاقوامي معاهدا، گڏيل دفاعي سياست، اتحاد ۽ بين الاقوامي تعلقات ۽ حڪمراني جون تجويزون ۽ ٻيا سمورا اپاءَ تيستائين ناڪام ويندا ، جيستائين انهن ۾ خدا جو خوف ۽ اخلاق جون قدرون شامل نہ ڪيون وينديون ، عالمي امن قائم ڪرڻ لاءِ جتي ٻيون تدبيرون اختيار ڪيون وڃن ٿيون ، اتي مذهب جي ٻڌايل هن فارمولا کي بہ آزمائڻ گهرجي، ان سلسلي ۾ قرآن کي هرگز نظر انداز نہ ڪرڻ گهرجي ، ڇاڪاڻ تہ ان ڏس ۾ قرآن کان وڌيڪ رهنمائي لاءِ ٻيو ڪوبہ ڪتاب موجود ڪونهي .

گارڊن چائلڊ وڌيڪ لکي ٿو:

” افسوس آهي جو صدين کان وٺي اسلام جي مثالي نظام حڪومت کي قائم ڪرڻ جي ڪنهن بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي ، مصر ، ترڪي ، ايران ، افغانستان وغيره مسلم حڪومتن جو اسلامي نظام سان ڪوبہ واسطو ناهي، جنهن جو نمونو عمرفاروق رضہ پنهنجي دور ۾ پيش ڪيو هو، قرآني حڪومتن ۽ مسلمانن جي حڪومتن جي وچ ۾ فرق نہ ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪري ٿو جو اسان ڪيترن غلط فهمين ۾ مبتلا ٿي وڃون ٿا . جيستائين سياسي طاقت جو تعلق آهي تہ اها خود يورپ لاءِ تباه ڪن ثابت ٿي چڪي آهي، اهڙي طاقت کان ڪمزوري پلي آهي، جيڪا هيرو شما ۽ ناگاساڪي جي تباهيءَ تي ماتم ڪندڙ هجي .

# اسلام انسان کي آزادي جي حقيقي تصور کان واقف ڪيو آهي.

## (مسٽر ايم اين رائي)

پيغمبر عرب ( حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ) جن جي باري ۾ عام طور تي جيڪي خيال ظاهر ڪيا وڃن ٿا ، اهي صفا ڪوڙ تي ٻڌل آهن، هڪ وچين درجي جو اڻ پڙهيل هندو نہ تہ اسلام جي انقلابي تعليم کي سمجهي ٿو نہ وري اسلامي انقلاب جي زبردست تمدني اثرات جو اندازو ڪري سگهي ٿو . اڄڪلهہ اسلام جي باري ۾ جيڪي خيال رائج آهن، اهي ڪل جو ڳا آهن . انهن غلط فهمين کي دور ڪرڻ، نہ فقط اتحاد جي مقصد لاءِ ضروري آهي، پر هندستان جي هن مشڪل دور ۾ اسلام جي تهذيبي قدر قيمت کي سمجهڻ بہ نهايت ضروري آهي . تاريخ جو وڏو مورخ گبن اسلام جي ترقي ۽ واڌاري بابت لکي ٿو:

” هڪ اهڙو ياد گار نوعيت جو انقلاب ، جنهن دنيا جي قومن جي رسم رواج ۽ رنگ ڍنگ تي هڪ نئون ۽ ديرپا اثر ڇڏيو. “

اهو ڏسي حيرت وٺيو وڃي ٿي تہ عرب جي پر جوش قبيلن ايترو جلد دنيا جي ٻن وڏين ۽ طاقتور حڪومتن جا تختا ڪيئن اونڌا ڪيا؟ ۽ انهن کي پٺ ڪيئن ڪيرايو؟ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم ، جي پيغام کي اڃا پنجاه سال بہ مس گذريا هئا تہ سندس پوئلڳن هڪ طرف هندستان جي سرزمين تي اسلام جو جهنڊو لهرايو تہ ٻي طرف بحرالڪاهل جي ڪناري تي اهو جهنڊو بلند ڪيائون. دمشق جا خليفا ايڏي وڏي علائقي تي حڪومت ڪندا هئا ، جو انهن جي علائقي جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پهچڻ لاءِ جيڪڏهن تيز گهوڙو پنجن مهينن تائين ڊوڙندو رهي ، تڏهن بہ اهو مشڪل سان اهو فاصلو طئي ڪري سگهي ٿو . پهرين صدي هجري



جي آخر تائين حالت اها هئي، جو مسلمان دنيا جا سڀ کان وڏا ۽ طاقتور حڪمران بڻجي چڪا هئا .

هر پيغمبر پنهنجي سچائي جي ثبوت لاءِ معجزا پيش ڪندو آهي ، انهيءَ اعتبار کان ڏٺو وڃي تہ محمد صلي الله عليہ وسلم جو معجزو ٻين سڀني پيغمبرن کان مٿانهون آهي،جو پاڻ اسلام کي دنيا تائين ڦهلائڻ ۽ پهچائڻ جو معجزو سرانجام ڏنائون . آگسٽن جي عظيم رومن امپائر، ست سو سالن جي بهادرانہ ڪارنامن ۽ زبردست فتحن جو نتيجو هئي. ان جي باوجود اها ڪاميابي پنجاه سالن ۾ قائم ٿيندڙ عربي حڪومت جي برابر نٿي ليکي سگهجي. سڪندر جي حڪومت، عرب خليفن جي حڪومت جو معمولي حصو هئي ، هو ايراني حڪومت جي سخت فوج جومقابلو ڪندو رهيو، پر اهو ڏهن سالن جي اندر اندر عربن جي آڏو جهڪي ويو . اڄ موجوده دور جو مورخ اسلام جي ترقي جي انهيءَ معجزي جي تعريف ڪندي نظر اچي ٿو .

عربن ۾ حڪومت جي نظام ، باقاعده تربيت يافتہ فوج ۽ گڏيل سياسي ترقي جو تصور ئي ڪون هيو . عرب واپاري هيا ، جنگ ڄُو هيا ، شاعر هيا ، خيال پرست هيا ، پر سياست کان آشنا نہ هيا . انهن کي مذهبي وحدت ۽ استحڪام پيدا ڪندڙ طاقت جو علم ئي ڪون هيو . اهي هيٺانهين قسم جا بت پرست هيا، پر اهي ئي گمنام وحشي هڪ سو سالن جي اندر اندر دنيا جي سڀ کان وڏي طاقت جا مالڪ بڻجي ويا، اهي رومن ۽ بربرن جي حڪومتن کان آفريقا کسي چڪا هئا ، گاٿ خاندان کان اسپين وٺي چڪا هيا . اولهہ ۾ فرانس انهن کان ڊڄندو هو، قسطنطنيہ ڏڪندو هو، انهن جا ساموندي ٻيڙا يوناني ٻيٽن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ باز نطيني حڪومت جي مقابلي لاءِ اسڪندريہ ۽ شامي بندرگاهن تي تيار بيٺل هيا، بربرن ۽ ايران کان سواءِ ڪنهن بہ ملڪ ۾ انهن سان مقابلي جي همت نہ هئي، انهن کي فتحن مٿان فتحون ٿينديون ويون، ايستائين جو انين صدي

عيسوي جي آخر ۾ دماغن ۾ اهو سوال چڪرائڻ لڳو ته مسلمانن سان مقابلو ڪري به سگهجي ٿو يا نه . هاڻي يورپ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين عيسائي رياستن کي مقابلي لاءِ هڪ نئين تهذيب چئلينج ڏيئي رهي آهي .سوال هي آهي ته. حيرت ۾ وجهندڙ اهو معجزو ڪيئن ظاهر ٿيو. اهو سوال اڄ به مورخن لاءِ حيران ڪندڙ آهي.

علمي دنيا هاڻي انهيءَ غلط نقط نگاه کي رد ڪري چڪي آهي ته اسلام جي فتح رواداري جي بجاءِ ڪٽر پڻي جو نتيجو هئي . دراصل اسلام جي عظيم ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪاميابي ان انقلابي ڪردار ۾ زبردست صلاحيت جي اندر پوشيده هئي . جنهن جي ذريعي اسلام عوام کي انهي غلط ماحول کان نجات ڏياري . جنهن ۾ نه فقط يونان ۽ روما ، پر هندستان ۽ چين جون پراڻيون تهذيبون زوال جي ڪري مبتلا ٿي چڪيون هيون .“



# اسلام ، همه گير انقلاب جو تعميري پيغام

## (ڪارل بروڪ ، برطانيه)

پروفيسر ڪارل بروڪ پنهنجي ڪتاب ”اسلامڪ پيوپل“ ۾ لکي ٿو . ”مان هڪ تاريخدان جي حيثيت ۾ دنياجي مختلف مذهبن جو گهري نظر سان مطالعو ڪيو آهي ، هونئن ته دنيا جي ٻين مذهبن ۾ به خوبيون موجود آهن ، پر اسلام جي سڀ کان وڏي خوبي هيءَ آهي ته سندس تعليم ڪنهن خاص مذهب ۽ طبقي سان تعلق رکندڙ نه آهي ، پر هر انسان جي لاءِ قابل قبول آهي. جيڪو انقلابي دل ۽ دماغ رکي ٿو. جيئن ته مسلمانن جي پوري تاريخ انقلابي ڪارنامن سان ڀريل آهي ، تنهن ڪري مسلمانن ۾ انقلابي صلاحيتون رڳو اسلامي تعليم جي طفيل ئي پيدا ٿيون آهن. اسلام جي پهرين دعوت عربن کي ڏني ويئي هئي ۽ عربن جي باري ۾ اها ڳالهه ٻڌائڻ ضروري نه آهي ته هن دعوت کي قبول ڪرڻ کان اڳ انهن ۾ اتحاد ۽ نظم موجود نه هو ۽ هو قبيلن ۾ ورهايل هئا. ليڪن اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ انهن ئي عربن سموريءَ دنيا ۾ انقلاب جا جهنڊا ڦڙڪايا ، پوءِ اسلام جي پيغام کي دنيا جي جنهن به قوم قبول ڪيو. اها انقلاب جي علمبردار ثابت ٿي ۽ ڪابه قوم اهڙي نه رهي ، جيڪا اسلام جي انقلابي پيغام کي قبول ڪرڻ کان پوءِ خود به انقلاب جي دعوت ڏيندڙ نه بڻجي وئي هجي .

اسلام کان اڳ به دنيا ۾ ڪيترن ئي مذهبن جو ظهور ٿي چڪو هو ۽ اسلام جي ظهور وقت انهن مان ڪجهه مذهب ته دنيا تي ڇانيل هئا ، پر انهن مان ڪنهن به مذهب انسان ذات ۾ انقلاب جو روح پيدا نه ڪيو هو .

دنيا جي هر وڏي مفڪر هن ڳالهه کي تسليم ڪيو آهي ته اسلام جا اصول ۽ سندس تعليم انساني فطرت سان گهڻو ئي مطابقت رکن ٿا ، تنهن ڪري اسلام پنهنجي انقلابي پيغام ۾ به انساني فطرت جي رجحانن کي

آڎو رکيو آهي . انسان اڄ صدين جي غور فڪر ۽ تجربي کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو آهي تہ ان کي دنيا جي سماجي ڍانچي کي بدلائڻ کان اڳ سڀ کان اڳ انسان جي ذهن ۽ دماغ کي بدلائڻ گهرجي ، پر اسلام پنهنجي انهيءَ انقلابي پيغام کي ڪامياب بنائڻ لاءِ اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ اهو ئي فطري طريقو اختيار ڪيو هو ۽ هن انسان ذات کي زوال ۽ هيٺانهين مان ڪڍي، بلنديءَ تي پهچائڻ لاءِ سندس دل ۽ دماغ کي بدلائڻ ضروري سمجهيو هو، تنهن ڪري جيڪي ماڻهو بہ هن پيغام کي قبول ڪندا هئا ، اهي قومي ۽ جاگرافيائي اختلاف جي باوجود هڪ مقصد تي متفق ٿي ويندا هئا ۽ انقلاب جا علمبردار بڻجي ويندا هئا .

اسلام ، دنيا جي لاءِ جنهن انقلاب جو پيغام آندو هو، اهو تخريبي نہ، پر تعميري انقلاب هو، اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ جي انساني تاريخ هن ڳالهہ تي شاهد آهي تہ هن پيغام جي بدولت انسان ذات لاءِ تعمير ۽ ترقيءَ جا رستا کلي چڪا هئا .

اسلام سڀ کان پهريائين انسان جي دل ۽ دماغ کي ٻين خدائن جي غلامي کان آزاد ڪري ، سندس فڪري قوتن کي نشوونماڏني . اسلامي انقلاب جي پيغام قبول ڪرڻ کان پوءِ انسان پهريون دفعو محسوس ڪيو تہ دنيا ۾ هن جي پيدائش جو مقصد هي نہ آهي تہ هو پراڻي ماحول ۾ رهي ۽ خانقاهن ۾ ويهي پوري زندگي گذاري ڇڏي، بلڪ سندس پيدائش جو مطلب دنيا جي شين مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن صلاحيتن سان ٻين کي فائدو پهچائڻ آهي ، مسلمان انهيءَ تعميري نظريي تحت سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا هئا ۽ ان زماني جي ڪن طاقتور مذهبي تعليمات جي بر خلاف انهن اسلامي تعليم مطابق هر ڀلائي کي انسان جي ميراث قرار ڏئي، ان کي حاصل ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي .

مثال طور يورپ ۾ عيسائيت جي نام نهاد علمبردارن قديم يوناني علم ۽ فلسفي جي مطالعي کي عيسائين لاءِ ممنوع قرار ڏنو هو . ۽ اهڙي طرح



مهاتماٻڌجي تعليمات جي مطالعي تي بہ بندش هئي ، مسلمانن پنهنجي مذهب جي انقلابي تعليم مطابق رجعت پسندانہ خيالات جي خلاف کلي بغاوت ڪئي ۽ انهن قديم علمن ۽ فنن جي پوري ذخيري کي ڳولي، دنيا جي سامهون رکي ڇڏيو ۽ انسان کي هن ڳالهہ جي دعوت ڏني هئي تہ هو انهن مان ڀلائين کي تلاش ڪري ، پنهنجي زندگي ۾ شامل ڪن، تنهن ڪري اڄ دنيا جا سڀئي مفڪر هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ جيڪڏهن مسلمان انقلابي قدم نہ کڻن ها تہ موجوده دنيا پراڻي دنيا ۾ ئي بي خبر رهجي وڃي ها.

اسلام جو اهو انقلابي ڪردار، ڪنهن هڪ ميدان ۾ ئي نظر نہ ٿو اچي، پر انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي جي هر شعبي ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريندو نظر اچي ٿو . جيستائين انفرادي زندگيءَ تي هن انقلابي پيغام جي اثر انداز ٿيڻ جو تعلق آهي تہ ان جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن اسلام انفرادي زندگي ۾ انقلاب پيدا نہ ڪري ها تہ مسلمان هڪ قوم جي حيثيت ۾ انقلاب جا علمبردار ٿي نہ سگهن ها ۽ دنيا ۾ انقلاب اچي نہ سگهي ها، اجتماعي زندگي ۾ اسلام جي انقلابي قوتن جو عمل هن مان ظاهر آهي جو هن سماج کي انهن سڀني برائين کان پاڪ ڪري ڇڏيو ، جيڪي ان وقت بہ ٻين انساني سماجن ۾ موجود هيون ۽ اڄ بہ انسانن جو ڪو بہ ترقي يافتہ معاشرو انهن خامين کان پاڪ نظر نہ ٿو اچي. اسلام جي پيغام جي هي انقلابي خاصيت اڄ بہ بہ قائم آهي ۽ اهو اڄ بہ انساني معاشري جي سڀني براين جي خلاف انقلاب برپا ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿو . اسلام اهو انقلاب قتل ۽ خون ريزي جي ذريعي نہ آندو ، پر انسان جي شعور ۽ انسان جي دماغ کي بدلائڻ ذريعي آندو، هيءَ اسلام جي اهڙي خوبي آهي، جنهن کان سندس وڏي ۾ وڏو مخالف بہ انڪار ڪري نٿو سگهي.

# اسلام هڪ تبليغي مذهب آهي

## (سر ٿامس آرنلڊ)

مشهور انگريز عالم سر ٿامس آرنلڊ، پنهنجي ڪتاب، ”پريچنگ آف اسلام“ ۾ اسلام جي حقانيت جو واضح طور تي اعتراف ڪيو آهي، سندس ڪتاب مان ڪجهه ٽڪرا پيش ڪجن ٿا.

ڊسمبر 1873ع ۾ ويسٽ منسٽرايبي جي مسيحي مشن ۾ دعا جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ، پروفيسر ميڪس ملر. هڪ ليڪچر ڏنو هو . جنهن ۾ اها ڳالهه ظاهر ڪئي وئي هئي تہ دنيا ۾ ڇهه مذهب آهن، جيڪي تبليغي ۽ غيرتبليغي آهن، تبليغي مذهبن ۾. عيسائيت، ٻڌمت ۽ اسلام آهن ۽ غيرتبليغي مذهبن ۾ يهوديت، هندومت ۽ زردشتي آهن، پروفيسر موصوف تبليغي مذهب جي تعريف **(Definition)** سنن لفظن ۾ ڪئي آهي، هو چوي ٿو تہ تبليغي مذهب اهو آهي، جيڪو سچائيءَ کي پکيڙڻ ۽ ٻين ماڻهن کي پنهنجي مذهب ۾ داخل ٿيڻ جا موقعا پيدا ڪري ڏئي. ايمان وارن جي سچائيءَ جو ثبوت اهو هوندو آهي، جو اهي جيستائين پنهنجو فڪر ٻين تائين نہ ٿا پهچائين، تيستائين انهن کي آرام نہ ايندو آهي.

### اسلام هڪ تبليغي مذهب

مذهب جي سچائي ظاهر ظهور هوندي آهي، اسلام، مسلمانن ۾ اهڙو تہ روح ڦوڪيو آهي، جو هو جتي بہ اسلام جو پيغام کڻي پهتا آهن، اتان جي ماڻهن کي اسلام ڏانهن مائل ڪيو اٿن، اسلام جو اهوئي دعوتي جذبو آهي، جنهن ڪري هن کي تبليغي ۽ مشنري مذهبن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

### اسلام ۾ زندگي جي صلاحيت موجود آهي

اسلام ۾ زندگي جي صلاحيت ۽ صداقت يعني اڪيلي الله کي مڃڻ جي خبر، جيڪا ستين صديءَ ۾ ان جي پيغمبر محمد ﷺ پهچائي، جنهن



جي جهنڊي هيٺ عرب جا سمورا ڇڙوڇڙ قبيلا متحد ۽ منظم ٿي ويا ۽ انهن کي هڪڙو نئون جذبو حاصل ٿيو ۽ اها ئي صداقت آهي، جنهن جي طفيل مسلمانن کي اهو جذبو مليو ۽ سندن لشڪر کي اها قوت حاصل ٿي، جو اهي مغلوب ٿيڻ يا شڪست کان تہ واقف ئي ڪون هئا، ان وقت مسلمان دنيا جي ٽنهي ڪنڊن ۾ غالب ٿي ويا.

### اسلام، تبليغ جي ذريعي ڦهليو

ان کان پوءِ مسلمانن جي عظيم اسلامي رياست ڪجهه حصن ۾ ورهائجي وئي ۽ اسلام جي سياسي قوت گهٽجي وئي، پر انهن جي فتوحات جو سلسلو سواءِ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهيو . ڪمزور حڪومتن جي باوجود اسلام کي عظيم ڪاميابيون حاصل ٿيون، پر اهڙا موقعا بہ پيش آيا، جو وحشي ڪافرن مسلمانن کي تباه برباد ڪرڻ کان وسان ڪين گهٽايو . هڪ تہ سلجوقي ترڪن، يارهين صدي ۾ مسلمانن تي ڪاه ڪئي، ٻيو تہ تيرهين صديءَ ۾ مغل وحشين مسلمانن کي نيست ونابود ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا اختيار ڪيا، پر انتهائي تعجب آهي تہ جن فاتحن مسلمانن جو رت وهايو هو ، انهن بعد ۾ خود مسلمانن جو مذهب اختيار ڪري ورتو ، دنياوي طاقت کان محروم هجڻ جي باوجود اسلام جي داعين وچ آفريڪا، چين ۽ هندستان جي اوپر وارن ٻيٽن تائين اسلام کي پهچايو .

اڄ مراڪش کان وٺي انڊونيشيا تائين، سيلون کان سائيبريا تائين، مطلب تہ ڌرتي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مسلمان موجود آهن، اسلام جي انهيءَ ڦهلاء جا گهڻا سبب آهن، مثال طور سماجي خدمت، ملڪي ڪارناما ۽ مذهبي ڪمن جا اثرات وغيره، پر سڀ کان وڏيڪ جنهن شيءِ اسلام کي دنيا جي هر علائقي تائين پهچائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو اسلام جي دعوت جو جذبو آهي، جنهن جو آئيڊيل خود رسول الله ﷺ جن هئا.

اسلام شروعات کان وٺي عملي توڙي اصولي طور تبليغي رهيو آهي، پاڻ سڳورن جي تعليم ۽ تلقين ۽ زندگي، ان جو بهترين نمونو آهي، پاڻ

اسلامي دعوت جي انهيءَ ڊگهي سلسلي جا رهبر آهن. جنهن منڪرن جي دلين ۾ به دين اسلام لاءِ جذبا پيدا ڪيا، اسلام اهو دين آهي، جنهن ڪي جابر جي ظلم ۽ ڏاڍي جي قهر ۽ غضب ۾ تلاش نٿو ڪري سگهجي. اهو خيال غلط آهي ته داعيءَ اسلام هڪ هٿ ۾ قرآن ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار کڻي، ان جي زور تي اسلام ڪي پکيڙيو آهي. بلڪ حقيقت اها آهي ته دين جو ڦهلاءَ دعوت جي خاموش ڪم جي ڪري ٿيو آهي.

### اسلام جي دعوت همه گير آهي

اسلام جو پيغام رڳو عربن لاءِ ناهي، پر اهو سموري دنيا لاءِ آهي، جيئن الله جي ذات واحد آهي، تيئن سندن مذهب به واحد آهي، ان مذهب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڀني انسانن ڪي ڪليل دعوت ۽ سڏ آهي. اسلام سڀني قومن لاءِ آيل آهي ۽ ان جو پيغام سڀني لاءِ آهي، ان جو اندازو انهن خطن مان لڳائي سگهجي ٿو. جيڪي رسول الله ﷺ جن 6هه مطابق 628ع ۾ وڏن وڏن بادشاهن ڏانهن لکيا هئا، اهي بادشاه، جيڪي ان وقت دنيا جي وڏي حصي تي حڪمراني ڪري رهيا هئا. انهن خطن ۾ رسول الله ﷺ جن ڪين اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي، اهو اسلام جي دعوت جي همه گير هجڻ جو دليل آهي، اهي خط جوش ۽ جذبات جو مظاهرو ناهن. پر وقت ثابت ڪيو آهي ته دعوتي جذبي ۽ حڪمت سان ڀريل خط آهن.

### اسلام سڄي دنيا لاءِ آهي

اسلام جي اها دعوي ته هو سڄي دنيا لاءِ آيو آهي، صحيح دعوي آهي، اهو اسلام رسول الله ﷺ جن تي وحي جي ذريعي نازل ٿيو. قرآن ۾ آيتن جي صورت ۾ موجود آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن، حضرت بلال ڪي حبش جو پهريون ڦل قرار ڏنو. ايران جو پهريون شخص جيڪو مسلمان ٿيو اهو هڪ عيسائي غلام هو ۽ هجرت جي پهرين سال هن اسلام قبول ڪيو. ان ڪان سواءِ هڪ حديث ۾ رسول الله ﷺ جن، چين جي ملڪ ڪي به رسالت جي تبليغ ۾ شامل فرمايو هو. ان ڪان گهڻو اڳ جو اسلام عالمگير حيثيت



ورتي هئي، رسول الله ﷺ جن اعلان ڪري ڇڏيو هو ته اسلام رڳو عرب قوم تائين محدود نه رهندو.

رسول الله ﷺ جن هڪ دفعي پنهنجي اصحابن ڪي فرمايو ته توهان سڀئي صبح جو مون وٽ اچو ۽ سڀئي اصحابي صبح جو سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ويا ۽ پاڻ اصحابن ڏانهن متوجه ٿيا ۽ انهن مان هڪڙن ڪي هڪ طرف ۽ ٻين ڪي ٻئي طرف تبليغ لاءِ موڪليائون ۽ فرمايائون ته اوهان الله جي ٻانهن وٽ الله جي دعوت پهچايو ۽ پنهنجو فرض سچائي سان ادا ڪريو ڇاڪاڻ ته جنهن شخص ڪي ڪنهن ماڻهن جي مٿان مقرر ڪيو وڃي، پوءِ اهو شخص سچائيءَ سان پنهنجو فرض ادا نه ڪري ته اهڙي شخص ڪي جنت نه ملندي، پر ائين نه ڪجو، جيئن عيسيٰ ابن مريم جي موڪليل نمائندن ڪيو هو. هو رڳو ويجهو رهندڙن وٽ پهتا هئا، پر پري وارن ڪي ڇڏي ڏنو هيائون.

### يورپ جي ليکڪن جي بدديانتي

يورپ جي ڪيترن ئي ليکڪن لکيو آهي ته هجرت جي وقت جڏهن رسول الله ﷺ جن مديني ۾ پهتا ته پاڻ بلڪل هڪ ٻي صورت ۾ ظاهر ٿيا، هاڻي پاڻ وعظ ۽ نصيحت ۽ الله جي پيغام ڪي پهچائڻ واري حيثيت ۾ نه رهيا هئا، اها بلڪل غلط ڳالهه آهي، تاريخ ۾ ڪا به اهڙي ثابتي نٿي ملي، جيڪا انهي باطل خيال جي تصديق ڪري.

### عيسائيت ۽ اسلام جي تبليغ جي طريقي ۾ فرق

اڄڪلهه عيسائي دنيا ۾، مشنري ڪم اهو آهي ته مذهب جي اشاعت لاءِ انجمنون قائم ڪيون وڃن، پگهارن تي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيا وڃن، جيڪي عيسائيت جي لاءِ وعظ ۽ تبليغ ڪن، ان مقصد لاءِ چندو جمع ڪيو وڃي ۽ ڪتاب ڇپايا وڃن، رپورٽون شائع ڪيون وڃن وغيره، عيسائيت وٽ اهو آهي ته جيڪڏهن مشنري جي ڪم ڪي مقرر ڪيل آيتن ۽ اصولن مطابق نه هلايو ويندو ته ان ڪي مشن جو ڪم ئي نٿو

سمجهيو وڃي، پر اسلامي مذهب جي دعوت عيسائي مذهب جي دعوت کان بلڪل مختلف آهي. مسلمانن وٽ نہ مشنري آهي، نہ وري سوسائيٽون، نہ پگهار دار طبقو آهي، نہ وري دين جي تبليغ لاءِ ڪو سرڪاري محڪمو مستقل طور مقرر ٿيل آهي، ڪٿي ڪٿي ائين هجي تہ اها ڌار ڳالهہ آهي. مسلمانن ۾ عيسائين وانگر اهو قاعدو ناهي تہ مذهبي معلمن کي عام ماڻهن کان عليحده سمجهيو وڃي يا مذهبي رسمن کي ادا ڪرڻ لاءِ انهن کي خاص اختيار ڏنا وڃن ۽ انهيءَ حيثيت ۾ انهن کي باقاعده طور مقرر ڪيو وڃي.

اِهي اُهي خاص ڳالهيون آهن، جن سان اسلام ۽ عيسائيت جي تبليغي طريقي جي وچ ۾ وڏو فرق پيدا ٿي وڃي ٿو . انهيءَ طريقي ۾ عيسائين جي مقابلي ۾ مسلمانن کي بظاهر تہ نقصان ٿيندو نظر اچي ٿو، پر ان نقصان جو پورائو هڪ ٻئي طريقي سان ٿي وڃي ٿو، اهو هن طرح تہ هر مسلمان پاڻ کي مذهب جي اشاعت لاءِ پنهنجي صلاحيت مطابق پائبند سمجهي ٿو . مسلمان ۽ خدا جي وچ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ ناهي ۽ مسلمان جي نجات جو دارو مدار نيڪ عملن تي آهي، تنهن ڪري مسلمان گهڻو ڪري مذهبي فرضن جي ادائگي جا پابند هوندا آهن ۽ هو ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ سخت محنت ڪندا آهن، نيٺ سندن دلين ۾ دين جي عظمت اهڙي تہ ويهجي ويندي آهي، جو هو اسلام جي منڪرن جي سامهون پنهنجي مذهب جي سچائي بيان ڪندي،خود خوشي محسوس ڪندا آهن، جيڪڏهن ڪو غير مسلم مسلمان بڻجڻ گهرندو آهي تہ ان لاءِ اهو ضروري نہ هوندو آهي تہ ڪنهن وڏي عالم وٽ وڃجي تہ جيئن هو ڪيس ڪنهن ضابطي ۽ آئين موجب اسلام ۾ داخل ڪري، اسلام جي اشاعت ۾ بادشاهن کان وٺي هارين، عورتن ۽ مردن سڀني کي عمل دخل حاصل آهي، جن پنهنجي مذهب جي اشاعت ۾ سخت تڪليفون سٺيون آهن، خاص ڪري



مسلمان واپارين هميشه عيسائين جي مقابلي ۾ هن ڪم ۾ گهڻي سرگرمي جو مظاهرو ڪيو آهي.

## اسلام جي سادگي بہ اسلام جي واڌ جو ذريعو آهي

اسلام جي واڌ ۽ ترقيءَ ۾ سڀ کان وڏو سبب ڪلمي لااله الاالله محمد رسول الله ﷺ جي آسان لفظن جو آهي، اهي بہ ڪلما ادا ڪرڻ هر ان شخص لاءِ لازمي آهن، جيڪو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ گهري ٿو . اسلام جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ اها ڳالهہ معلوم نٿي ٿئي تہ مسلمان عالمن ان صاف ۽ سادي ڪلمي کي ڇڏي، ان جي جاءِ تي ڪو مشڪل عبارت وارو ڪلمو تجويز ڪيو هجي، هي ڪلمو ايترو تہ صاف آهي، جو انسان کي ان کي قبول ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف برداشت نٿي ڪرڻي پوي ۽ هن کي سمجهڻ ۾ ڪا عقلي مشڪل پيش نٿي اچي، جيئن تہ هن ڪلمي ۾ دينيات جا ڏکيا مسئلا شامل نہ آهن، تنهنڪري عام ماڻهو بہ هن ڪلمي سکڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ ۾ ڪا ڏکيائي محسوس نٿو ڪري. هن ڪلمي جي پهرين حصي ۾ اهو عقيدو بيان ڪيو ويو آهي، جنهن عقيدي کي انسانذات شروعات کان وٺي پنهنجي فطرت جو حصو سمجهي ٿي، ڪلمي جو ٻيو حصو انسان کي سندس مالڪ سان ملائڻ جو ذريعو آهي. اسلامي مذهب جي اها بہ خاصيت آهي، تہ ان جا سڀئي حڪم عقل مطابق ٿئي آهن.

اسلام بلڪل عقلي مذهب آهي، لفظ عقل کي لغت جي نقطہ نظر سان ڏٺو وڃي يا تاريخي نقطہ نظر سان، ريشنل ازم جي هي تعريف آهي. جو هي اهو علم آهي، جنهن ۾ مذهبن جي عقيدي جو دارو مدار عقلي دليلن تي هوندو آهي.

محمد ﷺ جن، نهايت پرجوش شخصيت جا مالڪ هئا ۽ سندن دل ۾ ايمان ۽ يقين جي حرارت طاقتور هئي ۽ اها هڪ حقيقت آهي، پاڻ جيتري اصلاح ڪيائون، ان ۾ وحي جي روشني کي عمل دخل حاصل هو . وحي سندن بيان جو طريقو هو . ۽ پيغمبر ﷺ جي مذهب ۾ اهڙا عقيدا

آهن. جن تي مذهب جو بنياد آهي. مسلمانن جي نظر ۾ اسلام نالو آهي. الله جي وحدانيت ۽ پيغمبر جي رسالت جي اقرار ڪرڻ جو. ان تعليم جو بنياد قرآن مجيد آهي. جنهن جي تعليم نهايت سادي ۽ واضح آهي. جنهن جو اثر مذهب جي اشاعت ۽ ترقي ۾ روزبروز نظر اچي رهيو آهي. قرآن اهو ڪتاب آهي. جنهن ۾ توحيد جي مسئلي کي اهڙي ته نفاست، پاڪيزگي ۽ جلال ۽ يقين سان بيان ڪيو ويو آهي. جو اسلام کان سواءِ دنيا ۾ ڪوبه اهڙو مذهب نه آهي. جنهن ۾ توحيد کي اهڙي نموني سان بيان ڪيو ويو هجي. مطلب ته توحيد جو اصول. توحيد جي ڪلمي جي سادگي ۽ دعوت جو جذبو اهي اُهي شيون آهن. جيڪي اسلام جي ڪاميابي جو راز آهن. جيڪو مذهب بلڪل ٺيڪ هجي. جنهن ۾ دينيات جا ڏکئي ۾ ڏکيا مسئلا به اهڙي طرح سمجهايا وڃن. جو معمولي عقل رکڻ وارو انهن کي سمجهي سگهي ته پوءِ ظاهر آهي ته اهڙو مذهب وڏي طاقت بڻجي وڃي ٿو.“ (عيسائي مذهب جي اشاعت ۽ ان جا مخالف صه17)

”جنهن وقت ڪو شخص اسلام ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ مذهب قبول ڪري ٿو ته پوءِ ان کي اسلام جا رڪن سمجهايا وڃن ٿا. سڀ کان پهريائين ڪلمه شهادت پڙهايو وڃي ٿو. ان کان پوءِ پنجن وقتن جي نماز پڙهڻ جو طريقو. ٽيون زڪواة. چوٿون رمضان جا روزا رکڻ. پنجون حج ڪرڻ. اهي پنج رڪن شامل آهن.“

حج کي اسلام جو رڪن قرار ڏيڻ بابت ڪن حلقن پاران اعتراض ڪيو وڃي ٿو ته پيغمبر خدا جي تعليم ۾ هي رسم بت پرستي جي دور جي يادگار آهي. پر حج بابت اهو اعتراض غلط آهي. رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم لاءِ ڪعبته الله جو حج اصل ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي سنت هئي. جيئن ته پاڻ ملت حنيفي کي نئين سر جاري ڪرڻ لاءِ ئي ته موڪليا ويا هئا. ان ڪري پاڻ ان سنت کي به جاري ڪيائون. حج ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه هي آهي ته اسلام جي دعوت جي تاريخ ۾ ان کي وڏي اهميت



حاصل آهي. حج جي ڪري هر سال دنيا جي هر حصي جا مسلمان پنهنجن علائقن کان نڪري. ڪعبته الله ڏانهن رخ ڪن ٿا ۽ مڪي معظم ۾ گڏ ٿين ٿا. مڪي ۾ ئي ته اها مقدس جاءِ موجود آهي. جنهن ڏانهن منهن ڪري مسلمان نمازون پڙهندا آهن. ذهين کان ذهين انسان جي سوچ کان به اها ڳالهه مٿي هئي ته هو سڀني مسلمانن کي هڪڙي برادريءَ ۾ هڪ ئي وقت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ حج جهڙو زبردست طريقو ايجاد ڪري.

ڪعبو اها جاءِ آهي. جتي حج جي زماني ۾ آفريڪا جي اولهندي ڪناري کان وٺي چين تائين جا مسلمان اچن ٿا. اتي يورپ جو مهذب مسلمان. مشرقي پيٽن جي سادي ۽ اڻ پڙهيل مسلمانن سان ملي ٿو. ان کان سواءِ عيدالاضحيٰ جي ڏينهن سڄي دنيا ۾ جتي به مسلمان آهن. انهن جون دليون هڪڙي وقت خوشي سان ڌڙڪنديون آهن. انهيءَ تصور وچان ته هن وقت مسلمان حج کان فارغ ٿي مڪي معظم ۾ جمع ٿيا هوندا.

حج کان سواءِ ، اسلام جو هڪ رڪن زڪواة آهي. اهو رڪن مسلمانن کي هميشه اهو ياد ڏياري ٿو ته انما المومنون اخوة ”سڀئي مومن پاڻ ۾ ڀائر آهن. هي هڪ اهڙو مذهبي اصول آهي. جنهن تي گهٽائي مسلمان عمل ڪن ٿا. انهيءَ اسلامي اصول جي ڪري ئي نئين مسلمان سان محبت جو برتاءُ ڪيو وڃي ٿو. اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ . اهو شخص ڪهڙي به قوم جو هجي. ڪهڙي به رنگ جو هجي ۽ ان جا پهريان حالات ڪهڙا به هجن. پر هو اسلام قبول ڪندي ئي مسلمانن جي برادري ۾ شامل ٿي وڃي ٿو ۽ ان کي هڪجهڙائي وارو درجو حاصل ٿئي ٿو.

اهڙي طرح مسلمان ٿيڻ ۽ مسلمان ٿي رهڻ لاءِ پنج وقت نماز جو طريقو سڀ کان وڌيڪ اثرائتو آهي. ”مولوي تسڪ“ بالڪل صحيح چيو آهي ته جنهن دين ۾ وڌيڪ پابنديون آهن. ان سان محبت به وڌيڪ ٿئي ٿي. مسلمانن جو مذهب هميشه پنج وقت نماز جي صورت ۾ انهن سان هوندو آهي. پروفيسر رينان لکي ٿو ” هڪ دفعي دلي جوش ۽ ڪيفيت

محسوس ڪرڻ کان سواءِ مان ڪنهن مسجد ۾ ويس ته مون کي پنهنجي مسلمان نه ٿيڻ جو دلي طور افسوس ٿيو.“ (اسلام ۽ سائنس صه19)

جيڪڏهن پروفيسر رينان جيڪو پيرس يونيورسٽي جو مشهور پروفيسر آهي، اهي لفظ چئي پنهنجي تاثرات کي بيان ڪري سگهي ٿو ته پوءِ هن ڳالهه کي سمجهڻ ڏکيو ناهي ته جڏهن آفريڪا جو ڪو غير مسلم جيڪو تهذيبي لحاظ کان بلڪل پوئتي پيل آهي ۽ هن کي ٻين قومن جي هر چرپر ۾ ڪونه ڪو راز نظر ايندو آهي، اهو جڏهن ڪنهن مسلمان واپاريءَ کي، اڻ ڏٺي خدا جي عبادت ۾ مشغول ڏسندو آهي ته تصور ڪيو ته هن جي دل تي ان وقت ڪهڙو اثر پيو هوندو.

تعجب ۽ حيرت سان گڏ تلاش ۽ جستجو جو پڻ شوق پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي ڪري ڪڏهن ڪنهن صورت ۾ اهڙا ماڻهو به مسلمان ٿي پون ٿا، جيڪي عام صورت ۾ مسلمان نٿا ٿين.

رمضان جي روزن لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته اهي عيسائين جي انهيءَ اعتراض جو پورو جواب آهن ته اسلام هڪ اهڙو مذهب آهي، جيڪو نفس پرستي ۽ عيش جو سامان ڏيکاري، ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو، ڪارلائل جو چوڻ آهي ته ”پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جو مذهب آسان مذهب ناهي، هن ۾ روزن جي سختي، نفاست، پاڪيزگي، نماز جي پنج وقت پابندي، شراب پيئڻ کان جهل آهي، جنهن ڪري اسلام وڌيڪ ترقي ڪري نه سگهيو آهي.“

”ڪوئينن لکي ٿو: جيڪڏهن اوهان ٻين کي پنهنجي دين ڏانهن سڏڻ چاهيو ٿا ته پوءِ حق ڳالهه کي پاڪ صاف ۽ سٺي عبارت ۾ جيڪا جلدي سمجهه ۾ اچي بيان ڪرڻ گهرجي.“ (قومي مذهب ۽ پوري دنيا ص350)

اسلام جي ترقيءَ ۾ خاص طور تي آفريڪي ملڪن ۾ واپارين جو پڻ هٿ آهي، چاڪاڻ ته آفريڪي رهاڪو گهڻو ڪري ٻين ملڪن جي رهاڪن کان بدظن رهندا آهن، پر واپاري طبقو اهو آهي، جنهن کان هو



ڪڏهن به، ڪيٻائيندا نه هئا، تنهن ڪري انهن جي ڳالهين کي آفريڪين غور سان ٻڌو ۽ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيندا ويا.

مسلمان واپارين کي، پنهنجي مقصد ۾ اهي رڪاوٽون پيش نه آيون، جيڪي عيسائي پادرين کي پيش آيون هيون، مسلمان واپاري جيئن ته پنهنجي مقصد ۾ سچا هئا، تنهن ڪري هو تن من ۽ ڌن سڀ ڪجهه لٽائي ڇڏيندا هئا، جن جو نه ٻئي ڪنهن کي احساس ٿئي ٿو ۽ نه ئي خبر پوي ٿي، ليڪن ان جي ابتڙ مشنري ادارن جي ڪارڪنن کي ڪڏهن ڪڏهن ته مشن جي ايمانداريءَ تي به شڪ پئجي ويندو آهي ۽ هو مشن جي ڪارڪردگي کي شڪ جي نظر سان ڏسندا آهن.

### اسلامي حڪومتن غير مسلمن کي مذهبي آزادي ڏني هئي

اسلام جڏهن حڪمران هو، تڏهن اسلامي حڪومتن صلح ۽ رواداري وارو طريقو روا رکيو هو ۽ شهرين کي مذهبي آزادي ڏني وئي هئي،غيرمسلمن کي پنهنجي حفاظت لاءِ جزيو ڏيڻو پوندو هو. باوجود انهيءَ جي جو مسلمانن جي تاريخ جا ڪافي صفحا ظلم ۽ گوڙ گمسان سان ڀريل آهن. پر مسلمانن پنهنجي حڪومت جي غير مسلم رهاڪن کي جيڪا مذهبي آزادي ڏني هئي، ان جو مثال موجوده دور جي يورپ کان سواءِ ٻيو ڪٿي به نٿو ملي، اسلام تلوار جي ذريعي نه پکڙيو هو. ماڻهن کي زوريءَ مسلمان بنائڻ بابت ته قرآن ۾ پڻ منع ٿيل آهي، لا اڪراه في الدين، دين قبول ڪرڻ ۾ زبردستي ناهي.

مطلب ته سوين سالن کان وٺي مسلمان حڪومتن ۾ عيسائي قومن جو باعزت رهڻ، هن ڳالهه جو پڌرو ثبوت آهي ته کين آزادي ۽ سلامتي حاصل رهي آهي ۽ جيڪڏهن ڪٿي متعصب مسلمانن جي طرفان عيسائين تي ظلم به ٿيا آهن ته ان جو سبب اتان جون مقامي حالتون هيون، ان ظلم جو سبب اهو نه هو ته مسلمانن جي مذهب ۾ ڪو ظالماڻو اصول موجود هو. مثال

طور متوڪل بالله جي زماني ۾ پهريون ڀيرو مسلمانن ۾ جيڪي فرقا پيدا ٿيا هئا، انهن ۾ سواءِ سنين جي ٻين تي ظلم ڪيو ويو هو.

تيرهين صدي عيسوي جي خاتمي کان ٿورو اڳ، عيسائي فرقي جي هڪ مبلغ ريڪولد وس جڏهن شام ۽ فلسطين جو سفر ڪري پنهنجي مذهب جي اشاعت ڪرڻ چاهي ٿي ته هن مسلمانن جي هنن لفظن ۾ تعريف ڪئي آهي.

"اهو ڏسي اسان کي حيرت ٿئي ٿي ته مسلمانن جي مذهب ۾ ڪيتريون ئي اعليٰ خوبيون موجود آهن، مسلمانن کي علم حاصل ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق آهي، هو الله جي دل ۽ جان سان عبادت ڪندا آهن، محتاجن سان سخاوت وارو سلوڪ ڪندا آهن، الله ۽ نبين جي نالي جي وڏي عزت ڪندا آهن، هو پاڪ جاين جو وڏو احترام ڪندا آهن، مسلمانن جي ڳالهين ۾ سنجيدگي آهي، مسلمان مسلمانن سان محبت ڪن ٿا."

مشهور عيسائي سرجان لکي ٿو "مسلمان نيڪ ۽ ايماندار آهن، هو پنهنجي مقدس صحيفي يعني قرآن جي حڪمن جي نهايت پابندي ڪندا آهن، جيڪو قرآن مجيد الله تعاليٰ جبرائيل امين جي ذريعي محمد صلي الله عليه وسلم تي نازل ڪيو هو."

**اسلام جي دعوت ۾ ترڪن جي ڪوشش**

مسٽر آرنلڊ، پنهنجي ڪتاب ۾ وڌيڪ لکي ٿو "سلطنت عثمانيه جي حڪمرانن يونان جي فتح کان پوءِ پنهنجي عيسائي رعيت سان گهٽ ۾ گهٽ ٻن صدين تائين جيڪو سلوڪ ڪيو ۽ عيسائين کي جيڪا مذهبي آزادي ڏني هئي، ان جو مثال سڄي يورپ ۾ نٿو ملي."

هڪ انگريز جنهن سترين صدي جي شروع ۾ ترڪيءَ جو سفر ڪيو هو، اهو لکي ٿو "ترڪ عيسائين کي ڏاڍِ سان نه پر دانشمندي سان مسلمان بنائيندا آهن، اهڙي طرح عيسائي پنهنجي خوشي سان مسلمان ٿيندا آهن."



عيسائين جي سوسائٽي ۾ ڪافي نفرت جوڳيون ڳالهيون هيون، انهن جي مقابلي ۾ ترڪن جي زندگيءَ ۾ اهڙيون خوبيون ۽ خاصيتون هيون، جن ۾ ٻين لاءِ وڏي ڇڪ هئي، جڏهن قديم ترڪن جي لياقت ۽ صلاحيت کي ڪليسا جي اڳواڻن سان ڀيٽجي ٿو ته وڏو فرق نظر اچي ٿو. مسلمان ترڪن جي انهن ڳالهين جو اثر قدرتي طور انهن عيسائين تي ضرور ٿيو هوندو، جيڪي يوناني ڪليسا جي عهديدارن جي خود غرضي ۽ خباثت کان نفرت ڪندڙ هئا، عيسائي مصنفن هميشه ترڪن جي تعريف ڪئي آهي، هو لکن ٿا ته هو ترڪن جي حڪومت ۾ نهايت خلوص ۽ عقيدت، جوش ۽ جذبي سان پنهنجا مذهبي فرض ادا ڪندا رهن ٿا. ترڪ، لباس ۽ معاشرتي اٿڻ ويهڻ ۽ صفائي ۽ نفاست جو پورو پورو خيال رکن ٿا. انهن جي زندگي اهڙي ته صاف ۽ سادي آهي، جو انهن جي وڏن ۾ بااختيار ماڻهن ۾ به غرور ۽ وڏائيءَ جو نالو نشان نٿو ملي، عيسائي تاريخدان ترڪن جي مذهبي جوش ۽ وقت جي پابندي سان نماز پڙهڻ جي تمام گهڻي تعريف ڪن ٿا، اهي لکن ٿا ته عيسائين کي شرم ڏيارڻ لاءِ هن وقت اسان کي لکڻو پوي ٿو ته عيسائين جي مقابلي ۾ ترڪ پنهنجي مذهب جا وڌيڪ پابند آهن، انهن ۾ هيءَ خوبي عيسائين کان وڌيڪ آهي ته نمازن جي وقت ڪنهن ترڪ جو خيال ٻئي طرف نه هوندو آهي، اهڙو مسلمان نظر نه ايندو. جيڪو عبادت جي وقت عبادت ۾ مصروف نه هجي ۽ ادب ۽ تعظيم جون اهي سموريون نشانيون، سندن صورت مان ظاهر ٿين ٿيون.

# اسلام ۾ صحت جي حفاظت جا اصول

## (جوا ڪيم دي يولف، جرمني)

جڏهن اسلام جي اصولن، عقيدن ۽ قانونن جو گهري نظر سان مطالعو ڪجي ٿو ته اها ڳالهه صاف ظاهر ٿي پوي ٿي ته هن دور جا مسلمان، اسلام تي هلڻ جي معاملي ۾ گهڻو پري ٿي چڪا آهن. پر جيڪڏهن اڄ به مسلمانن ۾ ڪي اهڙيون شخصيتون پيدا ٿين، جيڪي ڪين اسلامي مرڪز ڏانهن آڻين ۽ سچو مسلمان بنائين ته اهڙي صورت ۾ اڄ به مسلمانن ۾ قوت ۽ شان شوڪت ۽ واڌارو اچي سگهي ٿو.

آئون هتي اسلام جي سياسي تعليمات بابت بحث ۾ نه ويندس، پر آئون ان جي هڪ خاص پهلو تي ڳالهائڻ چاهيان ٿو، جنهن تي شايد هيستائين ڪنهن به يورپي مصنف غور نه ڪيو آهي، اهو پهلو صحت بابت اسلام جي حڪمن ۽ قانونن سان تعلق رکي ٿو مان يقين سان چوان ٿو ته قرآن مجيد کي ٻين سڀني آسماني ڪتابن تي خاص فضيلت حاصل آهي. اسلام صفائي، پاڪيزگي ۽ پاڪبازي جون روشن هدايتون ڏيئي، مجرمانه زندگي جو خاتمو ڪري ڇڏيو آهي، صفائي جي سلسلي ۾ غسل ۽ وضوءَ جا فرض، نهايت دور انديشي ۽ مصلحت تي ٻڌل آهن. جيئن ته غسل ۾ سڄي جسم ۽ وضو ۾ جسم جي انهن عضون جو پاڪ ۽ صاف هئڻ ضروري آهي، جيڪي عام طور تي ڪم ڪار وقت يا گهمڻ ڦرڻ وقت ڪليل هوندا آهن، جيئن منهن ڌوئڻ، ڏندڻ ڪرڻ، نڪ جي اندروني حصي ۾ مٽي وغيره کي صاف ڪرڻ، اهي سڀئي ڳالهيون صحت جي لحاظ کان ضروري آهن.

اهڙي طرح حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جانورن کي مثلاً خنزير وغيره کي حرام قرار ڏنو آهي ته انهن ۾ به ڪيترين ئي خطرناڪ بيماريون آهن، جن کي پاڻ سمجهي ورتو هئائون، جن جانورن کي حلال قرار ڏنو ويو آهي، انهن کي ذبح ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو ويو آهي، ذبح ڪرڻ جو اهو طريقو پڻ پنهنجي جاءِ تي نهايت اهم آهي، چاڪاڻ ته



جانورن جي رت ۾ خراب مادو گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندو آهي، جنهن ڪري هزارها بيماريون منهن ڪڍي بيهن ٿيون. جيڪا ڳالهه انسانن لاءِ نهايت هاڃيڪار آهي، سا اها آهي ته جانورن کي اهڙي طريقي سان ذبح ڪيو وڃي، جو جسم جو رت ٻاهر نه نڪري، اسلام ان ڏس ۾ تمام سنو ۽ فطري طريقو اختيار ڪيو آهي.

اسلام هڪ کان وڌيڪ زالن سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت به ان ڪري ڏني آهي ته جيئن قوم کي نسل جي گهٽتائي واري نقصان کان بچايو وڃي ۽ هي بيمثال اصول آهي، جنهن جو اسان کي قدر ڪرڻ کپي. شراب ۽ ٻين نشيدار شين کي حرام قرار ڏيڻ، اهو انسانن مٿان اسلام جو ايڏو ته وڏو احسان آهي، جو ان کي ڪڏهن به لاهي نٿو سگهجي.

هڪ قادر مطلق هستي تي پختو يقين رکڻ ۽ صحت جي قدرتي ۽ فطري اصولن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ سان انسانن جون جسماني قوتون گهڻي عرصي تائين صحيح نموني سان ڪم ڪرڻ لڳن ٿيون. هتي قدرتي طور تي اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته جڏهن مسلمان اسلام کان پري ٿي ويا، ۽ قرآن جي تعليم کي ڇڏي ڏنائون ته پوءِ آخر انهن جو حشر ڪهڙو ٿيندو. ان کان به وڌيڪ اهم سوال اهو آهي ته جيڪڏهن اسلام نه هجي ها ته پوءِ انهن قومن جو ڪهڙو حشر ٿئي ها، جيڪي هن وقت پاڻ کي مسلمان سڏائين ٿيون. هن موقعي تي اسان کي پنهنجي باري ۾ به سوال ڪرڻ گهرجي ته جيڪڏهن دنيا ۾ اسلامي تهذيب ظاهر نه ٿئي ها ته، اسان جو ڪهڙو حال ٿئي ها، حقيقت اها آهي ته مغربي علمن کي عربي علمن ۽ فنن حيرت انگيز ترقي وٺائي آهي، ۽ عروج تي پهچايو آهي، اسان کي اسلامي تهذيب جي انهن احسانن کي هرگز نه وسارڻ گهرجي.

چند صديون اڳ جي حالتن تي نظر وجهي ڏسو ته معلوم ٿيندو ته يورپ وارن جي جهالت کي دور ڪرڻ ۽ انهن کي علم جي روشني فراهم ڪرڻ ۾ اسپين جي اسلامي درسگاهن کي ئي عمل دخل حاصل آهي، يورپ اڄ به اسلام جي تعليمات کان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو.

# طب جي علم تي مسلمانن جا احسان

## (ڊاڪٽر جيڪب ٿوري، فرانس)

اها هڪ افسوسناڪ حقيقت آهي ته مسلمانن جي عروج جو سچو زمانو گهرو لڙائين، يا يورپ وارن سان جنگين ۾ گذريو آهي، اهو دور مسلمانن ۽ اسلام جي ڀلاءِ جي اعتبار کان نقصان ڪار ثابت ٿيو ، چاڪاڻ ته اهو ئي دور هيو ، جڏهن ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي عيسائين گڏجي مسلمانن جي خلاف جنگي محاذ ٺاهيو هو ، جنهن جي نتيجي ۾ مسلمان جنگين ۾ الجهي پيا، انهن رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن جي باوجود بهرحال مسلمانن جو اهو دور هڪ ٻئي لحاظ کان نهايت روشن دور آهي، اهو ئي دور آهي، جڏهن عملي طور تي ترقي ٿي آهي، هن دور مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود ۽ ذهني ترقي لاءِ جيڪي عظيم ڪارنامه سرانجام ڏنا آهن، انهن جو مثال ٻيون قومون امن جي زماني ۾ به پيش ڪري نٿيون سگهن. مسلمان نائين صدي عيسوي کان وٺي پندرهين صدي عيسوي تائين ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا ۾ ترقي پسند قوم جي حيثيت سان حڪمران رهيا آهن ۽ اهو ئي زمانو آهي، جيڪو انهن ڪارنامن جو دور رهيو آهي، جنهن کي دنيا جي سيني غيرمتعصب ۽ انصاف پسند تاريخدانن سنهري ڪارنامن جو دور قرار ڏنو آهي.

ان دور جي تاريخ لکندڙ عيسائي تاريخدانن اهو مڃيو آهي ته جنهن زماني ۾ يورپ جا وڏا وڏا شهر به روشني کان محروم هيا ته ان وقت اسلامي حڪومت جي ننڍن شهرن ۾ به روشني جا شعاع نظر ايندا هئا. جنهن دور ۾ يورپ جي وڏن وڏن شهرن ۾ گندگي جا ڍير نظر ايندا هئا ۽ مينهن جي موسم ۾ گهمي نه سگهبو هو ، ان وقت بصره، بغداد، دمشق، قرطبه قاهره جي صحت بخش فضا هر اعتبار کان وڻندڙ ۽ غير ملڪي سياحن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي هئي.

مسلمانن پنهنجي عروج جي زماني ۾ انساني زندگي جي ڪنهن به گوشي کي نظر انداز نه ڪيو هو . ۽ انهن انسان ذات جي مجموعي ترقي ۽



ڪاميابي جي ڪمن کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بنايو هو ، پر خاص طور تي هنن طب ڏانهن جيڪو توجه ڏنو ، ان لاءِ ته يورپي تاريخدانن صفحن جا صفحا ڀري ڇڏيا آهن. انهن جي تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلامي حڪومت جي وڏن وڏن شهرن مثلاً قاهره، قرطبه، دمشق، بغداد ۽ بصري ۾ وڏيون وڏيون اسپتالون ۽ ميڊيڪل ڪاليج قائم هئا، هتي ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جي ڏوراهين جاين کان ماڻهو ايندا هئا.

مسٽرگبن لکي ٿو "هن وقت اها ڳالهه سمجهڻ يقينًا آسان آهي ته نه فقط ڪنهن قوم جو ، پر سڄي انسانيت جي ڀلائي جو دارو مدار ماڻهن جي ذهني ۽ جسماني صحت مندي تي آهي، پر مسلمانن اها حقيقت پنهنجي عروج جي شروعاتي دور ۾ ئي سمجهي ڇڏي هئي، تنهن ڪري هنن طب کي علمي توڙي عملي طور وڏو فروغ ڏنو هو . هنن طب کي نه رڳو ترقي وٺائي، پر طب جي ذريعي انسان ذات کي راحت پهچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، اڪيلو بغداد جي شهر ۾ نو سؤ ڊاڪٽر موجود هئا، جيڪي اسپتالون هلائيندا هئا، ۽ هو پنهنجي فن ۾ وڏا ماهر هيا، ڇو ته ان وقت رڳو ماهر ڊاڪٽرن کي ئي اسپتالون کولڻ جي اجازت ڏني ويندي هئي.

مسلمانن آپريشن جو طريقو پڻ ايجاد ۽ اختيار ڪيو هو ۽ جسم جي مختلف عضون جي چيرڦاڙ جي تحقيقات جو پڻ آغاز ٿي چڪو هو ، ايستائين جو يورپ جا عيسائي حڪمران ۽ انهن جا شهزادا پڻ پنهنجو علاج مسلمان ڊاڪٽرن کان ڪرائيندا هئا، اسلامي حڪومتن جي ميڊيڪل ڪاليجن ۾ عيسائي ۽ يهودي شاگردن کي به داخلا ملندي هئي، اهي عيسائي ۽ يهودي شاگرد آزادي سان مسلمانن جي ميڊيڪل ڪاليجن مان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري، يورپ ۾ طب جي واڌ جو ذريعو بڻجندا هيا.

مسلمانن انساني صحت لاءِ ، مختلف مريضن جي علاج جا ڌار ڌار شعبا کوليا هيا ، ان ڏس ۾ جيڪي مرڪز قائم ڪيا ويا هئا ، انهن ۾ رياست جي طرفان مريضن جي کاڌ خوراڪ ، رهائش ۽ علاج جو پڻ انتظام ڪيو ويندو هو___ عيسائي تاريخدانن جي بيان مطابق ائين صديءَ عيسوي

جي شروعات ۾ خليفي وليد دمشق ۾ ڪوڙهه ۽ اکين کان محروم مريضن لاءِ ڌار ڌار اسپتالون قائم ڪيون هيون ، خليفي هارون رشيد بغداد ۾ چرين جي علاج لاءِ هڪ مڪمل اسپتال قائم ڪئي هئي ، جنهن ۾ انساني جذبي تحت چرين جو علاج ڪيو ويندو هو ۽ انهن کي ممڪن آرام ۽ سهولت پهچائي ويندي هئي .

ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ هڪ يهودي سياح بنجمن پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو تہ مون جڏهن بغداد جي سياحت ڪئي تہ اتي مون کي سٺ کان وڌيڪ نهايت سٺيون اسپتالون نظر آيون ، جن ۾ مريضن لاءِ هر قسم جون سهولتون موجود هيون ، جيستائين ڪو مريض بلڪل تندرست نہ ٿي ويندو هو ، تيستائين سرڪار جي خرچ تي انهن جي کاڌ خوراڪ ۽ علاج جو انتظام ڪيو ويندو هو. ڪي تاريخدان لکن ٿا تہ مسلمان حڪمرانن کي ماڻهن جي صحت منديءَ جو ايڏو اونو هوندو هو ، جو جڏهن ڪو مريض گهڻو وقت بيمار رهڻ کان پوءِ صحت ياب ٿيندو هو تہ ان کي مناسب رقم پڻ ڏني ويندي هئي تہ جيئن هو گهر پهچڻ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن آرام ڪري ۽ ضرورت لاءِ اها رقم ڪتب آڻي سگهي ، مسلمانن جي حڪومت ۾ نہ فقط ماڻهن جي علاج جو جوڳو انتظام هو، پر جانورن جي علاج لاءِ پڻ وڏن وڏن شهرن ۾ اسپتالون موجود هيون .

هن وقت سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي جي ڪري طب ۽ سرجري جيڪا حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي ، ان جو بنياد مسلمانن جي دور ۾ ئي پيو هو. جيڪڏهن ان وقت مسلمان طب ۽ جراحيءَ ۾ دلچسپي نہ وٺن ها تہ اڄ جيڪر هي فن ابتدائي حالت ۾ هجي ها ، ان معاملي ۾ اسان کي مسلمانن جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي .



# اسلام ۽ ان جي پوئلڳن جو انقلابي ڪردار

## (رام ڏاري سنگهہ ونڪر)

ونڪر ، ممتاز هندو شاعر آهي، هن پنهنجي ڪتاب ”هندستاني تهذيب جا چاردور “ ۾ اسلام جي باري ۾ تعصب کان بالا ترٿي لکيو آهي ، ان مان ڪي ٽڪرا پيش ڪجن ٿا .

” رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي آمد وقت رڳو عرب جي حالت ئي خراب نہ هئي ، پر مغرب ۾ عظيم رومي سلطنت بہ تباه ٿي چڪي هئي ، ۽ ان ۾ بہ عيش پرستي ۽ شهوت راني پنهنجي عروج تي پهچي چڪي هئي ، عربن جي ٻئي پاسي جيڪا ايراني حڪومت قائم هئي ، اها عيش عشرت ۾ تباه ٿي چڪي هئي ، ان کان سواءِ رومي ۽ ايراني حڪومتون ، هميشہ هڪ ٻئي سان ويڙهہ ۾ مصروف هيون ، انهن ڏينهن ۾ عيسائيت مان ان جو اصل جوهر روحانيت ختم ٿي چڪي هئي ، ۽ عوام ۾ مذهب جي نالي سان جادو منتر ۽ تعويذن جو رواج عام ٿي چڪو هو .

” رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو ڌنڌو واپار هو، ۽ شروع ۾ کين واپاري طبقي ۾ نهايت امتيازي حيثيت حاصل هئي . پاڻ سڳورن فلسفيانہ بحثن ۾ پوڻ جي بجاءِ اهڙو مذهب پيش ڪيو جيڪو سادو ۽ عملي قسم جو آهي. مذهب اسلام ۾ بنيادي نڪتا هڪ الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ ۽ محمد رسول صلعم کي الله جو رسول ڪري مڃڻ ، نماز پڙهڻ،رمضان جا روزا رکڻ ، زڪواة ڏيڻ،حج ڪرڻ شامل آهن .

محمد ( صلي الله عليہ وسلم ) جن بت پرستي جي خلاف هيا، پر عربن کي بت پرستي جي مخالفت جو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو . تنهن ڪري هنن

سندن سخت مخالفت ڪئي.آخر ڪار پاڻ مڪه ڇڏي هليا ويا. انهي واقعي کي مسلمانن جي تاريخ ۾ هجرت چيو وڃي ٿو.

انهن ڏينهن ۾ عرب ۾ مڪه ۽ يثرب ٻه خاص شهر هئا . مڪي وارن جڏهن پاڻ سڳورن کي مڪي مان نڪرڻ تي مجبور ڪيو ته يثرب وارن کين پناه ڏني ۽ عزت ۽ محبت سا سندن استقبال ڪيو . انهي واقعي کان پوءِ يثرب جو نالو مدينة النبي پئجي ويو. جن سندن مدينه ۾ مدد ڪئي تن کي انصار چيو وڃي ٿو. محمد صلي الله عليه وسلم جنهن مذهب جي تبليغ ڪئي ، اهو نهايت سادو مذهب هو ، تنهن ڪري عوام ان ڏانهن جوش خروش سان وڌڻ لڳا. مذهب جي ڪاميابي لاءِ رهنمائن جو اعليٰ اخلاق وڏو ڪم ڪندو آهي. رسول ڪريم جن ان معاملي ۾ بلند مرتبي تي پهتل هيا. ان ڪري ٿوري عرصي ۾ ئي اسلام کي بيمثال ڪاميابي حاصل ٿي . اسلام، رهبانيت يعني دنيا جي ڌنڌن کي ڇڏي گوشه نشيني اختيار ڪرڻ جي خلاف آهي.هو ساڌوئن جو تعداد وڌائڻ جي خلاف آهي.عيسائين ۾ رهبانيت جو طريقو رائج آهي . قرآن مجيد ان تي تنقيد ڪندي چوي ٿو " اسان عيسائين لاءِ اهو طريقو مقرر نه ڪيوهو پر هنن پاڻ ئي اهو طريقو اختيار ڪيو " رهبانيت جي خلاف هجڻ جي باوجود اسلام روحاني ترقي کي اهميت ڏي ٿو نماز روزو، زڪواة ۽ حج جي ذريعي هو خاص حد تائين تقويٰ حاصل ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو .

اسلام جا پهريان چار خليفا حضرت ابوبڪر،حضرت عمر،حضرت عثمان ۽ حضرت علي ايترو ته مثالي ثابت ٿيا، جو ماڻهو سندس زندگيون ڏسي اسلام تي عاشق ٿي پيا . اسلام جي شروعات ۾ چئن خليفن سادگي، بلند اخلاقي، بهادري ۽ درويشي جا اهي نمونا قائم ڪيا جنهن سان اسلام جو اخلاقي نظام نهايت بلند ٿي ويو ۽ اسلام ۾ اهڙن ماڻهن جو تعداد وڌڻ لڳو ، جيڪي گڏيل زندگي ۾ رهي فقيري واري زندگي اختيار ڪرڻ لڳا ۽



حڪومت جي ڪرسي تي ويهڻ کان پوءِ به پنهنجي طبعيت ۾ فقيري برقرار رکيائون ، تلوار ڪڻندي به رحم کي نظر انداز ڪري نه سگهيا .

حضرت عمر رضہ جي سپاهين، جڏهن ايراني شهنشاهہ جي مٿان فتح حاصل ڪئي ۽ هو پاڻ يروشلم ۾ فاتح جي حيثيت سان داخل ٿيو ته جنهن اٺ تي پاڻ سوار هو ، ان تي پنهنجو سڄو سامان به رکيو هئائون.اهو سامان ڇا هيو ؟ هڪ ڪمبل هڪ ان جو ٻاچڪو ، هڪ ڪجور جو ٻاچڪو ۽ ڪجهه ڪاٺ جا ٿانو ، اها هئي ان فاتح جي سادگي ، جنهن جي اشاري سان سلطنت جي هر شيءِ حاضر ٿي سگهي پئي .

ايران ، عراق ، شام ، فلسطين ۽ مصر کي فتح ڪندڙ ڪمانڊرن جو ذڪر ڪندي مسٽر گبن لکي ٿو " هو جتي به ترسندا هئا ته سيئي سپاهي گڏجي هڪ ئي صف ۾ عبادت ڪندا هئا ، هڪ ئي دسترخوان تي ماني کائيندا هئا ۽ گڏجي پنهنجي اميرن کان نصيحتون ٻڌندا هئا ، فوجي مهم هجي يا حج جو سفر ، هي سپہ سالار هر وقت انصاف ۽ عادلانہ روش تي هلندا هئا .

خلافت جي طرفان جن ماڻهن تي ڍل وصول ڪرڻ جي ڊيوٽي مقرر هئي، انهن کي سختي سان پيش اچڻ کان منع ٿيل هئي ۽ آفيسرن لاءِ عيش پرستي واري زندگي تي پابندي هئي ، خالد رضہ کي پاڻ سڳورن " سيف الله" جو لقب عطا فرمايو هو ، ان جي بهادري ۽ شجاعت جي ڪري ئي عراق ، عرب ۽ شام جا ملڪ فتح ٿيا هئا ، پر مرڻ وقت وٽس هڪ گهوڙو ۽ هڪ غلام هئا. حضرت ابوبڪر جي طرفان فوج کي هدايت هئي ته انصاف اختيار ڪريو ، ڇاڪاڻ ته ناانصافي سان ترقي رڪجي وڃي ٿي. بهادر ٻڻجو ڇاڪاڻ ته دشمنن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ کان مرڻ بهتر آهي. رحمدل ٻڻجو ، چو ته ڪراڙن ، ٻارن ۽ عورتن تي تلوار ڪڻڻ گناه آهي. ميويدار وڻن، فصلن ۽ جانورن کي تباه نه ڪجو . جيڪڏهن توهان ڪنهن،

دشمن سان بہ عهد ڪيو آهي تہ ان کي، پورو ڪريو. جيڪي ماڻهو دنيا کان پري رهن، انهن کي نقصان نہ پهچايو . ابوبڪر رضہ ۽ عمررضہ انهن آفيسرن کي سزا ڏيندا هئا . جيڪي ريشم جا ڪپڙا پائيندا هئا ۽ عيش جي زندگي اختيار ڪندا هئا . انهن خليفن جي راء هئي تہ جيڪڏهن مسلمانن رومي ۽ ايراني درٻارن واري روش اختيار ڪئي تہ پوءِ سندن زوال اچي ويندو . هو اسلامي فوج کي راحت ۽ آسائش کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ڇو تہ ترقي ڪندڙ قوم آرام پسند نہ ٿيندي آهي، اسلام انقلابي دين جي حيثيت سان اڀريو هو . هو ماڻهن کي ڪافرانہ عقيدن کان بچائيندو رهيو . هو فلسفيانہ خيالن کان پڻ پاڪ هو ۽ الله کان سواءِ ڪنهن بہ قوت جي اڳيان سرجهڪائڻ کان انڪار جي تعليم ڏيندڙ آهي . سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ نئين مسلمان کي عام ماڻهو توڙي مالدار مسلمان پنهنجي پاءِ جي حيثيت ڏيندا هئا ۽ هن کي برابري وارا حق ڏيندا هئا . ان ڪري شروعات ۾ اسلام جتي بہ پهتو ، اتي زبردست انقلاب اچي ويو ۽ انسان جو مان ۽ مرتبو بلند ٿي ويو مانوريندر ناٿ لکي ٿو تہ عرب بهادر ۽ حملي آور جتي بہ ويا، اتان جي ماڻهن کين پنهنجو محافظ ۽ نجات ڏياريندڙ پئي سمجهيو ڇو تہ ان وقت سڄي دنيا ظالمن جي ظلمن ۾ ورتل هئي . ڪي حڪمرانن جي ظلم ۾ ڦاٿل هيا تہ ڪي وري عيسائيت جي غلط عقيدن ۾ جڪڙيل هيا . هي عرب حملي آور ، پنهنجي نبي جي انقلابي تعليم ۽ هدايت تي هلندا هئا ۽ ان تي پختو يقين رکندا هئا .

اسلام تي اهو الزام لڳايو وڃي ٿو تہ هي تلوار جي زور تي وڌيو آهي، پر اها ڳالهہ سرا سر غلط آهي . مسلمان جتي بہ ويا . انهن اتان جي عوام اڳيان ٽي ڳالهيون رکيون . يا تہ قرآن کي قبول ڪريو . يعني مسلمان ٿيو . يا جزيو ڏيئي اطاعت قبول ڪريو، ٻي صورت ۾ جنگ لاءِ تيار ٿي وڃو .



# اسلام يهوديت جو عظيم محسن

## (دائود بن عمران يهودي ، مصر)

دائود بن عمران لکي ٿو " جيتوڻيڪ منهنجو تعلق يهودي مذهب سان آهي ، پر ان جي باوجود آئون اسلام کي پاڻ مڃان ٿو ۽ ان جو احترام ڪريان ٿو . ان جو سبب اهو آهي تہ اسلام ۾ اهڙيون خوبيون موجود آهن، جيڪي گهٽ ڪري ٻين مذهبن ۾ ڪونهن. اسلام جي سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي تہ هو شروع کان وٺي مظلومن ۽ مصيبتن جي ماريل ڪمزور انسانن جو سهارو آهي. هو ايمان آڻيندڙن کي سختي سان هدايت ڪري ٿو تہ اهي مظلومن جي مدد ڪن . ايستائين جو جانورن سان بہ سٺي سلوڪ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي .

سيني کي ڄاڻ آهي تہ اسلام کان اڳ انسانن جو وڏو حصو جانورن واري زندگي گذاري رهيو هو . دنيا تي چند طاقتور قبيلن جو راڄ قائم هوندو هو . جن جي هٿن ۾ عام مخلوق جانورن وانگر هوندي هئي، پر اسلام نہ رڳو غلامي جي سسٽم کي ختم ڪيو ، پر غلامن کي اڳتي وڌائي . انهن کي حڪمران پڻ بڻايو . اهو اسلام جو دنيا تي وڏو احسان آهي . جنهن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي.

خود يهودين تي اسلام جيڪي احسان ڪيا آهن ۽ هنن سان رواداري ۽ محبت جو جيڪو سلوڪ اختيار ڪيو آهي . ان کان ڪو بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي . اسلام کان اڳ يهودين کي عيسائي حڪومتن ۾ جانورن کان بہ بدتر حيثيت حاصل هئي ۽ ڪنهن بہ عيسائي رياست ۾ انهن کي عام شهري حق حاصل نہ هئا . تنهن ڪري عيسائين جي حڪومتن ۾ ڪو بہ يهودي پنهنجي عزت ، جان ۽ مال جي حفاظت کي محفوظ نہ سمجهندو

هو پر جڏهن اسلام ظاهر ٿيو تہ ان کان پوءِ جلدئي حالتن ۾ ڦيرو آيو. جيئن تہ ان وقت يهودين جي حالت سڀ کان وڌيڪ خراب هئي ، تنهن ڪري اسلام جو فائدو سڀ کان وڌيڪ انهن کي حاصل ٿيو .

اسلام جي دعوت جو بنياد الله تعاليٰ جي توحيد تي آهي . اسلام جو اهو توحيدي تصور ، مذهب کان وڌيڪ انسانن جي اصلاح ۽ استحڪام لاءِ ضروري هو. الله جي توحيد جي اقرار جو مطلب هڪڙي هستي کي خالق ۽ مالڪ مڃڻ آهي ، ان کان پوءِ انهي اڪيلي هستي جي نالي تي مخلوق جي وچ ۾ اختلاف ۽ سمورا ويڇا ختم ٿي وڃن ٿا .

اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت ، دنيا ۾ جيڪي بہ مذهب موجود هئا ، انهن مذهبي اختلافن کي ختم ڪري، انسانن کي اتحاد جي ڪڏهن بہ دعوت نہ ڏني ، بلڪ انهن مذهبن کي مڃڻ وارا هڪ ٻئي مذهب ۾ ويساه رکڻ جي باوجود هڪ ٻئي جي خلاف ويڙهہ ۾ مصروف رهندا هيا ، اهي نہ رڳو هڪ ٻئي سان نفرت ڪندا هئا، پرمذهب جي نالي تي هڪ ٻئي کي تڪليفون بہ پهچائيندا هئا، انهيءَ ويڙهہ کي هو عبادت ۽ خدا جي رضا جو ذريعو سمجهندا هئا. پر اسلام انسانيت جي وحدت جو تصور ڏيئي، انسانيت لاءِ هڪ نئين راه کولي ڇڏي، اسلام نہ رڳو روشني ڏني، پر هن پنهنجي پيروڪارن جو هڪڙو گروه تيار ڪيو جنهن اسلام جي فڪر کي عملي صورت ۾ پيش ڪيو ، انهي فڪر ۽ عمل مان هر شخص بي شمار فائدا حاصل ڪري سگهي ٿو .

اسلام انساني مساوات لاءِ جيڪي نظريا پيش ڪيا آهن، انهيءَ نظريي جي اثرات جو اندازو مسلمانن جي فتح ڪيل علائقن جي حالتن مان لڳائي سگهجي ٿو . مسلمانن مفتوح ملڪن جي ماڻهن سان مساوات وارو سلوڪ اختيار ڪيو. هر نسل، هر گروه ۽ هر قوم جو احترام ڪيو نہ رڳو انهن جا شهري حق برقرار رکيائون، پر انهن جي جان مال، عزت آبرو



جي عملاً حفاظت ڪيائون، جيئن تہ ان وقت يهودي هر جاءِ تي مظلوم هيا ۽ ذلت جي زندگي گذاري رهيا هئا، تنهن ڪري انهن کي مسلمانن جي ان مذهبي حڪمت عملي جي ڪري سڀ کان وڌيڪ فائدو حاصل ٿيو.

پر جيڪڏهن اسين پنهنجي ماضي کان اکيون بند ڪري ڇڏيون، تڏهن بہ اسلام جي اختيار ڪيل سٺي سلوڪ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي . ويهين صدي جمهوريت جي صدي آهي، پر هن صديءَ ۾ يورپ جي سيني عيسائي ملڪن ۾ يهودين تي جيڪي ظلم ڪيا ويا، ان جو اندازو زار جي زماني ۾ روس ۾ ٿيندڙ ظلمن ۽ هٽلر جي دور ۾ جرمني جي يهودين سان ٿيل واقعن مان لڳائي سگهجي ٿو. ان دور ۾ يورپ جي ملڪن ۾ يهودين کي غلامن ۽ اڇوتن کان بہ وڌيڪ خراب سمجهيو ويندو هو. انهن کي خراب ۽ گندن محلن ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو، ۽ پلاننگ سان انهن جي گهرن کي لٽيو ويندو هو ۽ انهن کي بي عزت ڪيو ويندو هو ، يهودين تي ظلم جي هن طريقي کي ( پوگرم ) چيو ويندو هو پر ان دور ۾ ڪنهن بہ اسلامي ملڪ ۾ ڪنهن بہ يهودي کي مسلمانن کان ڪا بہ شڪايت پيدا نہ ٿي.دنيا جي سيني قومن تي اسلام جو هميشہ احسان رهيو آهي، پر جيئن مان ٻڌائي چڪو آهيان تہ اسلام جي حڪمت عملي جو سڀ کان وڌيڪ فائدو يهودين کي پهتو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهي زماني ۾ يهودي ئي سڀ کان وڌيڪ مظلوم هيا، ان ڪري يهودين کي اسلام ۽ مسلمانن جي انهي احسان کي نظر انداز نہ ڪرڻ گهرجي. اها احسان فراموشي ٿيندي، ان معاملي ۾ يهودين کي شرم کان ڪم نہ وٺڻ گهرجي، حقيقت هي آهي تہ اسلام اهڙو مذهب آهي، جيڪو سموري دنيا ۾ رحمت جو باعث آهي، ۽ خاص طور تي دنيا ۾ يهودين کي تہ اسلام جي ڪري ئي زندگي حاصل آهي، ورنہ ڪهڙي خبر تہ شايد هي مظلوم قوم ظالمن جي ظلم سببان دنيا تان ميسارجي وڃي ها.

# اسلام جون خاص وصفون

## (سوامي وويڪانند)

هر پيغمبر دنيا کي ڪو نہ ڪو پيغام ڏنو آهي، جڏهن ان پيغام تي غور ڪجي ٿو ۽ ان جي داعي جي زندگي جو مطالعو ڪجي ٿو تہ ان جي سچائي جي روشني ۾ سندس سڄي زندگي نمايان ٿي سامهون اچي ٿي.

شايد اوهان سوال ڪريو تہ محمد صلي الله عليه وسلم جي مذهب ۾ ڪهڙي خوبي آهي، مان اهو چوندس تہ جيڪڏهن اسلام ۾ صلاحيت ۽ خوبيون نہ هجن ها تہ اهو هينئر تائين زنده رهي نہ سگهي ها. سڀ کان وڏيڪ طاقتور ۽ چڱو اهو آهي جيڪو دنيا ۾ زنده رهي سگهي. دنيا ۾ نفع بخش شيءِ کي ئي تہ بقا حاصل آهي ڇا موجوده زندگيءَ ۾ متقي ۽ پرهيزگاري کي وڏي عمر حاصل نٿي ٿئي، پرهيزگار جي تہ عمر يقينًا وڏي ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ سڀ کان وڏيڪ قوت تقويٰ ۾ ئي آهي، جيڪڏهن اسلام جي اندر ڪا خوبي ۽ پاڪيزگي نہ هجي ها تہ اڄ تائين هو زنده رهي نہ سگهي ها، ان مان معلوم ٿيو تہ اسلام ۾ يقينًا ڪا خوبي موجود آهي. اسلام جو پيغمبر محمد صلي الله عليہ وسلم دنيا ۾ مساوات جو آڻيندڙ هو. انسان ذات ۽ خاص طور مسلمانن جي وچ ۾ ڀائپي قائم ڪرڻ جو علمبردار هو. پيغمبر اسلام حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم پنهنجي زندگي مان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مسلمانن ۾ مڪمل مساوات پيدا ٿي سگهي ٿي هن دين ۾ ذات، برادري طبقي ۽ نسل جي بنياد تي ڪو بہ فرق ۽ ويڇو ڪونهي.

ترڪي جو سلطان آفريڪا جي بازار مان هڪ حبشي غلام خريد ڪري پنهنجي ملڪ ۾ آڻي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اهو غلام اسلام قبول ڪري ۽ ضروري صفتون پيدا ڪري تہ ان جي شادي ترڪي جي بادشاه جي لاڏلي نياڻي سان ٿي سگهي ٿي.



آمريڪا ۾ ( نيگرو ) حبشين ۽ ريڊ انڊين سان نفرت واري سلوڪ جي، مسلمانن جي مٿين رواداري سان ڀيٽ ڪجي تہ سڄي خبر پئجي ويندي. هندن جي حالت بہ ڏاڍي خراب آهي، جيڪڏهن ڪو فرد ڪنهن شئي کي غلطي وچان ڇهي وٺندو تہ هندو ان کي ناپاڪ سمجهي اڇلائي ڦٽي ڪندو، جيتوڻيڪ اسان جو فلسفو اعليٰ ۽ ارفع آهي، پر عملي طور اسين ڪمزور آهيون. مسلمان ٻين مذهبن جي پيروڪارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ترقي پسند آهن. ذات پات ۽ طبقي جو فرق مٽائي سڀني سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪري، هنن ثابت ڪيو آهي تہ اسلام کي اڄ بہ برتري حاصل آهي. هڪ ماءُ پنهنجي ٻار کي، ڇاهي اهو ڪهڙي بہ حالت ۾ ڇو نہ هجي، سجاڻي وٺندي آهي، پر جيڪڏهن ڪا عورت ائين نٿي ڪري سگهي تہ سمجهو تہ اها انهيءَ ٻار جي ماءُ نہ آهي، اهڙي طرح جيڪي شخص هڪ خدا کي نٿا مڃين ۽ هر صفت کي ڏار ڏار خدا بڻايو وينا آهن، اهي لفظن کان تہ واقف آهن، پر حقيقت کان گهڻو پري آهن.

# اسلام غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙيو آهي

## (مسٽر باسورٿ اسمٿ)

مسٽر باسورٿ اسمٿ، پنهنجي ڪتاب" محمد اينڊ محمدين ازم جي باب " اسلام ۾ غلامي " ۾ لکي ٿو:

" هاڻي اسين غلامي بابت اسلام جي فلسفي ۽ تعليمات جو جائزو وٺنداسين. محمد صلي الله عليه وسلم، غلامي کي صفا ختم نه ڪيو هو ڇاڪاڻ ته ان وقت عرب جون حالتون ان لاءِ مناسب نه هيون، پر محمد ﷺ غلامن کي آزاد ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهيءِ اهو اصول مقرر ڪيو هئايون ته جيڪو قيدي مسلمان ٿئي، ان کي آزاد سمجهيو وڃي ۽ ان کان به وڌيڪ اهم ڳالهه اها ته " جيڪو غلام محنت ۽ مشقت سان ايمانداري واري زندگي گذاري ٿو ته ان کي ذليل ۽ گهٽ نه سمجهيو وڃي. پاڻ پنهنجي آخري حج جي موقعي تي جيڪو خطبو ڏنائون، ان ۾ مسلمانن کي خطاب ڪندي فرمايائون "اي مسلمانو ! توهين پنهنجن غلامن کي به اهوئي کارايو جيڪو اوهين پاڻ کائو ٿا، اهو ئي پارايو جيڪو اوهين پاڻ پهريو ٿا. ڇاڪاڻ ته اهي به الله جا ٻانها آهن، ان ڪري انهن کي تڪليف نه ڏيڻ گهرجي. پاڻ فرمايائون " جيڪو مالڪ پنهنجي غلام سان مهرباني وارو سلوڪ اختيار ڪري ٿو اهو الله جي محبوب ٻانهن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ جيڪو پنهنجي غلام کي ستائيندو ته اهو جنت ۾ داخل نه ٿيندو.

هڪ مسلمان پاڻ سڳورن کان سوال ڪيو ته ڇا مان غلام کي روزانو ڪيترا دفعا سندس غلطيون معاف ڪريان، هن اهو سوال ٻيهر دهرايو. پاڻ فرمايائون ته ڏينهن ۾ ستر ڀيرا معاف ڪر. اهڙي طرح محمد صلعم قيدي عورت سان شادي ڪرڻ کي به ناجائز قرار ڏنو آهي جيئن ڇيو وڃي ٿو ته محمد صلي الله عليه وسلم جو رحمدل قانون، حضرت موسيٰ ع جي شريعت جي مشابهه آهي، پر سچي ڳالهه اها آهي ته پاڻ سڳورن جو قانون حضرت



موسيٰ عليه السلام جي شريعت کان گهڻو بهتر آهي، جڏهن يهودين جو ڪو به ماڻهو غلام ٿيندو هو ته ان تي لازم هو ته پنهنجي غلاميءَ جو مدو پورو ڪري، ان کان پوءِ ان کي آزاد سمجهيو ويندو هو پر اسلام ۾ اهڙو ڪو به شرط لاڳو نه آهي.

اسلام ۾ ته اهو به آهي ته جو مسلمان مالڪ ، جيڪڏهن بنا ڪنهن سبب پنهنجي غلام تي ناراض ٿئي ته ڪيس گهرجي ته هو ان کي فورًا آزاد ڪري ڇڏي، پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن يهودي پنهنجي غلام کي تنگ ڪري، ايستائين جو غلام مري وڃي ته به ان لاءِ صرف معمولي سزا آهي، جيئن انجيل جي انگريزي ترجمي ۾ لکيل آهي ته " غلام پنهنجي مالڪ جو مال آهي، مالڪ جيئن چاهي، پنهنجي مال کي استعمال ڪري سگهي ٿو" آمريڪا جي انهن رياستن ۾ جتي غلامي جائز هئي، غلامن کي ڪو به آئيني حق حاصل نه هو جيڪڏهن مالڪ پنهنجي ٻانهي سان سٺو سلوڪ ڪندو هو ته ان کي فقط انسان دوستي سمجهيو ويندو هو جڏهن ته اسلام ۾ مالڪ توڙي جو اهو ڪيڏي به وڏي شخصيت ڇو نه هجي ان جي خلاف عدالت کي اهو حق حاصل آهي ته هو ان غلام تي رحم ڪرم جو حڪم جاري ڪري، سڀ انسانذات برابر آهي، اهو هڪ اهڙو اصول آهي، جنهن تي پاڻ سڳورن تمام گهڻو زور ڏنو آهي، اهڙي طرح هن اصول غلامي جي باري ۾ نسل ۽ نسب جي فرق کي مٽائي ڇڏيو، ۽ ان غلاميءَ جي ذات کي مٽائي ڇڏيو.

# اسلام جو احسان

## (مهاتما گانڌي)

اسلام پنهنجي ڪمال واري دور ۾ به رواداري وارو مذهب هيو بلڪ ان وقت سڄي دنيا ان جي تعريف ڪري رهي هئي، ان وقت جڏهن سڄي مغربي دنيا اونده انڌڪار ۾ مبتلائي هئي، مشرقي افق کان هڪ روشن ستارو چمڪيو جنهن بي چين دنيا کي روشني امن ۽ راحت جو پيغام ڏنو اسلام ڪوڙو مذهب ناهي، هندن کي گهرجي ته هو اسلام جو مطالعو ڪن، جيئن مون ان جو مطالعو ڪيو آهي، پوءِ مون وانگر هو به اسلام سان محبت ڪرڻ لڳندا. آئون پيغمبر اسلام ( حضرت محمد صلي الله عليه وسلم ) جي زندگيءَ جو مطالعو ڪري رهيو هوس. جڏهن مان ڪتاب جو ٻيو حصو ختم ڪيو ته مون کي افسوس ٿيو ته هن عظيم الشان مقدس زندگي جي مطالعي لاءِ هاڻي مون وٽ ٻيو ڪو ڪتاب نه آهي. هينئر مون کي پهرين جي مقابلي ۾ ان ڳالهه ۾ وڌيڪ يقين ٿي ويو آهي ته اسلام دنيا ۾ جيڪا فتح ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، سا تلوار جي زور سان نه. پر اها پيغمبر اسلام ( محمد صلي الله عليه وسلم ) جي سادي زندگي، بي غرضي، بي نفسي، وعده وفائي ۽ بي خوفي هئي، سندن پنهنجي دوستن ۽ پوئلڳن سان محبت ۽ مروت، خدا تي اعتماد ۽ يقين ئي هو اها تلوار جي طاقت نه هئي، پر اهي مٿيون سڀئي صفتون ۽ گڏ ئي هيا، جنهن جي ڪري ميدان صاف ٿيندو ويو ۽ پاڻ ڪاميابي مٿان ڪاميابي حاصل ڪندا رهيا. مون کي ڪنهن چيو هيو ته جنوبي آفريقا ۾ جيڪي يورپين آباد آهن، اهي اسلام جي اشاعت ۽ ترقي کان ڊڄن ٿا، انهيءَ اسلام کان جنهن اسپين کي تهذيب جي دولت عطا ڪئي هئي ۽ جنهن مراڪش ۾ روشني ڦهلائي هئي ۽ دنيا ۾ رهندڙ انسانن کي پاءُ پاءُ ٿي رهڻ جي تلقين ڪئي هئي يورپين اڄ اسلام کان ڊڄن ٿا، پر



اصل ۾ اهي جنهن کان ڊڄن ٿا، اُها اِها آهي ته جيڪڏهن افريقا جي پراڻن ماڻهن اسلام قبول ڪري ورتو ته پوءِ اڇي چمڙي وارين قومن کان برابري وارا حق گهرندا، اوهان انهن کي گهرڻ ڏيو جيڪڏهن پاءُ ٿي رهڻ ڏوه نه آهي، انهن کي ڊپ آهي ته ائين ڪرڻ سان سندن نسلي غرور قائم نه رهندو ته پوءِ سندن اهو ڊپ فطري آهي. چاڪاڻ ته مان ڏٺو آهي ته جيڪڏهن ڪو ”آفريقي “ عيسائي ٿي وڃي ٿو ته اهو اڇي چمڙي واري عيسائي جي برابر نٿو ٿي سگهي، پر جيئن ئي ڪو شخص مسلمان ٿي وڃي ٿو ته هو انهي ساڳي پيالي ۾ پاڻي پئي ٿو يا ڪاڏو ڪائي ٿو ۽ ان جي حيثيت هڪ جهڙي ٿي وڃي ٿي. (ڪتاب جگت مهرشي صفحو 2)

# اسلام جي حيرت انگيز ترقي

## (ايم اين رائي)

پيغمبر ( حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم) جن جي باري ۾ عام طور تي جيڪي خيال ظاهر ڪيا وڃن ٿا، اهي صفا ڪوڙ تي ٻڌل آهن. هڪ وچين درجي جو اڻ پڙهيل هندو نہ تہ اسلام جي انقلابي تعليم کي سمجهي ٿو نہ وري اسلامي انقلاب جي زبر دست تمدني اثرات جو اندازو ڪري سگهي ٿو. اڄڪلهہ اسلام جي باري ۾ جيڪي خيال رائج آهن، اهي ڪل جوڳا آهن پر هندستان جي هن مشڪل دور ۾ اسلام جي تهذيبي قدرو قيمت کي سمجهڻ بہ نهايت ضروري آهي. تاريخ جو وڏو مؤرخ گبن اسلام جي ترقي ۽ واڌاري بابت لکي ٿو ” هڪ اهڙو ياد گار نوعيت جو انقلاب جنهن دنيا جي قومن جي رسم رواج ۽ رنگ ڍنگ تي هڪ نئون ۽ ديرپا اثر ڇڏيو“ اهو ڏسي حيرت وٺيو وڃي ٿي تہ عرب جي پرجوش قبيلن ايترو جلدي دنيا جي ٻن وڏين ۽ طاقتور حڪومتن جا تختا ڪيئن اونڌا ڪيا ۽ انهن کي پٽ تي ڪيئن ڪيرايو.حضرت محمد (صلي الله عليہ وسلم )جي پيغام کي اڃا پنجاه سال بہ مس گذريا هيا تہ سندس پوئلڳن هڪ طرف هندستان جي سرزمين تي اسلام جو جهنڊو لهرايو تہ ٻي طرف بحرالڪاهل جي ڪناري تي اهو جهنڊو بلند ڪيائون. دمشق جا خليفا ايڏي وڏي علائقي تي حڪومت ڪندا هئا جو انهن جي علائقي جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين پهچڻ لاءِ جيڪڏهن تيز گهوڙو پنجن مهينن تائين ڊوڙندو رهي تڏهن بہ مشڪل سان اهو فاصلو طئي ڪري سگهجي پيو. پهرين صدي هجري جي آخر تائين حالت اها هئي جو مسلمان دنيا جا سڀ کان وڏا طاقتور حڪمران بنجي چڪا هئا.



هر پيغمبر پنهنجي سچائي جي ثبوت لاءِ معجزا پيش ڪندو آهي انهيءَ اعتبار کان ڏٺو وڃي تہ حضور جن جو معجزو ٻين سڀني پيغمبرن کان مٿانهون آهي، جو پاڻ اسلام کي دنيا تائين ڦهلائڻ ۽ پهچائڻ جو معجزو سرانجام ڏنائون. آگسٽن جي عظيم رومن امپائرسٽ سؤسالن جي بهادرانہ ڪارنامن ۽ زبردست فتحن جو نتيجو هئي، ان جي باوجود اها ڪاميابي اڌ صدي ۾ قائم ٿيندڙ عربي حڪومت جي برابر نٿي ليکي سگهجي. سڪندر جي حڪومت، عرب خليفن جي حڪومت جو هڪ معمولي حصو هئي، هو ايراني حڪومت جي سخت فوج سان مقابلو ڪندو رهيو پر اهو ڏهن سالن جي اندر اندر عربن جي آڏو جهڪي ويو. اڄ موجوده دور جو مؤرخ اسلام جي ترقيءَ جي انهي معجزو جي تعريف ڪندو نظر اچي ٿو. عربن ۾ حڪومت جو نظام، باقاعده تربيت يافتہ فوج ۽ گڏيل سياسي ترقي جو تصور ئي ڪونہ هو. عرب واپاري هئا، جنگ جُو هيا، شاعر هيا، خيال پرست هئا، پر سياست کان آشنا نہ هيا، انهن کي مذهبي وحدت ۽ استحڪام پيدا ڪندڙ طاقت جو علم ئي ڪون هيو. اهي هينا نهين قسم جا بت پرست هئا، پر اهي ئي گمنام وحشي هڪ سؤ سالن جي اندر اندر دنيا جي سڀ کان وڏي طاقت جا مالڪ بنجي ويا، اهي روما ۽ بربر جي حڪومتن کان آفريقا کسي چڪا هئا، گاٿ خاندان کان اسپين وٺي چڪا هئا، اولهہ ۾ فرانس انهن کان ڊڄندو هو. قسطنطنيہ ڍنل هو. انهن جا ساموندي ٻيڙا يوناني ٻيٽن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ بازنطيني حڪومت جي مقابلي لاءِ اسڪندريہ ۽ شامي بندرگاهن تي تيار بيٺل هيا. بربر ۽ ايران کان سواءِ ڪنهن بہ ملڪ ۾ انهن سان مقابلي جي همٿ نہ هئي، انهن کي فتحن مٿان فتحون ٿينديون ويون ايستائين جو اٺين صدي عيسوي جي آخر ۾ دماغن ۾ اهو سوال چڪرائڻ لڳو تہ مسلمانن سان مقابلو ڪري بہ سگهجي ٿو. يا نہ. هاڻي يورپ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين عيسائي رياستن کي مقابلي لاءِ هڪ نئين تهذيب چيلنج ڏيئي رهي آهي.

سوال هي آهي تہ حيرت ۾ وجهندڙ هي معجزو ڪيئن ظاهر ٿيو. اهو سوال اڄ بہ مؤرخن لاءِ حيران ڪندڙ آهي، علمي دنيا هاڻي انهي غلط نقطہ نگاهہ کي رد ڪري چڪي آهي تہ اسلام جي فتح رواداري جي بجاءِ ڪٽر پڻي جو نتيجو هئي. دراصل اسلام جي عظيم ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪاميابي ان انقلابي ڪردار ۽ زبردست صلاحيت جي اندر پوشيده هئي، جنهن جي ذريعي اسلام عوام کي انهي غلط ماحول کان نجات ڏياري هئي. جنهن ۾ نہ فقط يونان ۽ روما پر هندستان ۽ چين جون پراڻيون تهذيبون بہ زوال جي ڪري مبتلا ٿي چڪيون هيون. " ( تفصيل جي لاءِ ڏسو ايم اين رائي جي ڪتاب " هسٽاريڪل رول آف اسلام " )



# اسلام پنهنجن پوئلڳن کي انسانيت جو

## مٿاهون نمونو بڻائڻ گهري ٿو

## (اسٽينلي لين پول، برطانيہ)

هونئن تہ اسلام ۾ ڪيئن خوبيون موجود آهن، پر اسلام جي تعليم جي جنهن پهلو مون کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو اها هن جي اخلاقي تعليم آهي، جنهن جي ذريعي هو پنهنجي پوئلڳن کي انسانيت جو سڀ کان مٿاهون نمونو پيش ڪرڻ چاهي ٿو. اها ڳالهہ تہ واضع آهي جنهن کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي تہ انساني سماج جي ڀلائي، بهتري ۽ مضبوطي جو وڏو ۾ وڏ تعلق اخلاق سان آهي، قومن جي عروج ۽ زوال جي سببن جو مطالعو ڪندڙ مفڪر هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ هر قوم جو عروج سندس اخلاق ۽ ڪردار سان وابستہ هوندو آهي۽ جيڪا قوم اخلاق ۽ ڪردار ۾ ڪريل هوندي آهي، سا سگهوئي زوال جو شڪار ٿي ويندي آهي، اسلام روحاني ۽ مادي ترقي جي حاصلات لاءِ انساني اخلاق کي معياري بڻائڻ تي سڀ کان وڌيڪ زور ڏئي ٿو.

اڄ اسان لاءِ اهو سوال سڀ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو تہ سماج جي اصلاح جو ڪم مٿاهن طبقن کان شروع ڪيو وڃي يا هيٺاهن طبقن کان، پر ان معاملي ۾ اسلام جو موقف پڌرو آهي، اهو مٿانهين طبقي جي سڌاري سان آغاز ڪرڻ گهرجي ٿو.

اسلام فردن کي سندن ذهنيت جي اعتبار کان مختلف حصن ۾ ورهايو آهي، مثال طور هو سڀ کان پهريائين فرد جي انفرادي زندگي ۽ سندس اخلاق ۽ ڪردار کي معياري بڻائڻ چاهي ٿو، ان کان پوءِ هو فرد تي سندس خاندان جي اصلاح جي ذميواري عائد ڪري ٿو. خاندان کي وري معاشري جي اصلاح جو ذريعو بڻائي ٿو ۽ اڳتي هلي مختلف معاشرن کي

بين الاقوامي رشتن ۾ ڳنڍي ٿو. انهن سمورن انسانن کي اسلام اخلاق ۽ ڪردار جي بنياد تي هڪ ٻئي سان ڳنڍي ٿو ۽ ساڳئن اخلاق جي بنياد تي ئي هڪ ٻئي سان تعلقات قائم رکڻ گهري ٿو. انفرادي زندگي بابت اسلام جيڪي هدايتون ڏي ٿو اهي سڄي سماج جي صحتمندي ۽ ڪاميابي جو ضامن آهن، اسلام جو چوڻ آهي ته زندگي اهڙي نموني سان گذارڻ کپي جو هڪڙو شخص ٻئي شخص لاءِ تڪليف جو ڪارڻ نه بڻجي، بلڪ فرد سماج جي اعليٰ قدرن کي برقرار رکڻ جي مقصد ۾ مددگار ثابت ٿئي. ظاهر آهي ته اهڙي پاڪيزه زندگي گذارڻ لاءِ عمل جي طاقت جو هجڻ ضروري آهي. اهڙو عمل جنهن سان ٻين لاءِ ايثار ۽ قرباني ڏيئي سگهجي ۽ عدل انصاف ۽ رواداري جو مظاهرو ڪري سگهجي. اسلام جي تاريخ ۾ خلفاء راشدين جي زندگي جي مطالعي مان معلوم ڪري ٿئي ٿو ته هو اخلاق ۽ ڪردار جي اعتبار ڪان بلند مقام تي پهتل هئا. اسلام ۾ خليفي جي حيثيت روحاني نوعيت جي ناهي، بلڪ خليفو پنهنجي ذات ۾ ٻين لاءِ اعليٰ نمونو آهي، مثال طور حضرت ابوبڪر رضہ خليفي ٿيڻ کان اڳ بي واهن جي مدد ۽ خدمت ڪندو هو. خليفي ٿيڻ کان پوءِ به خدمت جو اهو سلسلو قائم ۽ برقرار رکيائون، ٻيو خليفو حضرت عمر رضہ نهايت طاقتور ۽ بااختيار شخص هو. هڪ وڏي اسلامي حڪومت جو سربراه هو پر ان جي باوجود هو اسلام مذهب ۽ سياست کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري، اهو عقيدو ته الله حاضر ناظر آهي، حڪيم ۽خبير آهي، عادل ۽ انصاف وارو آهي ان سان دنيا جي مسلمانن ۾ اهڙي ته ذهني بلندي ۽ خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي جو منجهن هر قسم جي مصيبتن ۽ مشڪلاتن کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو پيدا ٿئي ٿو. اسلام اصل ۾ الله جي رحمت جي ڇانوَ ۾ پائيچاري سان رهڻ جو نالو آهي. جيڪو نسل ۽ قوم جي پابندين کان آزاد ۽ الله جي اطاعت لاءِ ڳڏجي جدوجهد ڪرڻ جو نالو آهي، اسلام جو اهو عقيدو ته محمد صلي الله عليہ وسلم تي نازل ٿيل وحي قرآن جي صورت ۾ موجود آهي ۽ قرآن الله



تعاليٰ جو آخري ۽ تبديل نه ٿيندڙ ڪتاب آهي، هي اهڙو عقيدو آهي، جنهن ۾ اسلام جي عظمت ۽ طاقت جو راز رکيل آهي، مسلمانن جو اهو پڻ عقيدو آهي ته قرآن اڳوڻن سمورن ڪتابن کي منسوخ ڪيو آهي، البته هو اڳوڻن ڪتابن جي سيني سچائين کي تسليم ڪري ٿو. يهوديت ۽ عيسائيت ۾ جنهن خدا جو تصور آهي، اسلام جو خدا بنيادي طور اهو ئي آهي، پر مسلمان جي نظر ۾ اڳوٽا مقدس ڪتاب آئنده زماني لاءِ نامڪمل آهن، پر قرآن مڪمل ۽ مستقل آهي، اهڙي طرح هر پيغمبر جو احترام ڪرڻ به هر مسلمان تي لازم آهي ۽ هر مسلمان حضرت محمد رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي آخري ۽ عالمي پيغمبر سمجهي ٿو، ۽ پاڻ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي خاتم النبيين جي لقب سان ياد ڪري ٿو . اسلامي تعليم ۾ جتي، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي الوهيت جو انڪار آهي اتي، حضرت محمد ﷺ کي پڻ ”معبود“ نٿو سمجهيو وڃي ۽ حضرت محمد رسول ﷺ جن اهو ئي فرمايو ويو ته پاڻ، الله سائينءَ جا ٻانها آهن ۽ سندس پيغام کي انسانن تائين پهچائڻ جو ذريعو آهن.

# اسلام جي ڪاميابي ان جي اخلاقي
# طاقت جو نتيجو آهي

## (ايڊيٽر لائيف آف آمريڪا)

حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن عرب ملڪ ۾ توحيدي دين جو بنياد رکيو. جنهن پوءِ اڳتي هلي سڄي دنيا تي پنهنجا اثر وڌا، اسلام جيڪو دنيا جي عظيم ۽ عالمگير مذهبن مان سڀ کان پوءِ آيو جنهن جي عمر بہ گهٽ آهي، سو نهايت آسان ۽ صاف ۽ پڌرو مذهب آهي، مسلمان اڪيلي خدا جي عبادت ڪندا آهن. جيڪو هر شيءِ تي محيط آهي.

اسلام جو داعي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم نہ تہ مسيح هيو نہ وري هو خدا سان ڪنهن بہ صفت ۾ شريڪ هيو. بلڪ الله جو برگزيده چونڊيل ٻانهو هو جنهن کي خدا انسان ذات تائين پنهنجا پيغام پهچائڻ لاءِ چونڊيو هيو. انساني زندگي سان بہ اسلام جو گهرو تعلق آهي، اسلام جي شروعات تاريخ جي روشنيءَ ۾ ٿي ۽ اسلام طوفاني رفتار سان پکڙجڻ لڳو حضرت محمد ﷺ جي وفات 632ع ۾ ٿي، سندس وفات کان ڪجهہ سال پوءِ اسلام سڄي وچ يورپ تائين پکڙجي ويو هڪ صدي جي اندر اندر اسلام جي حڪومت جي سرحد جبرالٽر کان هماليہ تائين وسيع ٿي وئي. اسلام رڳو عبادت جو نالو نہ آهي، پر هو سڄي زندگي تي حاوي آهي. اسلام انساني خيالن ۽ فڪر جي رهنمائي ڪري ٿو . اهڙي رهنمائي، جنهن جو مثال پيش ڪرڻ کان دنيا قاصر آهي.

اسلام پنهنجي عظمت پاڻ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مطيع ۽ فرمانبردار ٿيڻ . يعني پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏڻ.تنهن ڪري هر سچو مسلمان پاڻ کي الله جي اڳيان جوابدار سمجهي ٿو.



# محمد صلي الله عليہ وسلم الله جا رسول آهن.

## (ايس پي اسڪاٽ –آمريڪا)

نوٽ : ايس پي اسڪاٽ آمريڪا جو وڏو اسڪالر آهي، ڪيس اسپين جي مسلمانن جي تاريخ ۽ تهذيب سان ننڍپڻ کان وٺي دلچسپي هئي، انهيءَ دلچسپي جي ڪري هن وڏيءَ سائيز جي ٻن هزار صفحن کان وڌيڪ، ٽن جلدن ۾ " اسپين جي مسلمانن جي تاريخ " لکي آهي، مسٽر ايس پي اسڪاٽ پنهنجي ڪتاب جي آخري جلد ۾ لکي ٿو" مان لڳاتار ڪيترن سالن کان وٺي آمريڪا جي بارايسوسيئيشن جو ميمبر ۽ 1908ع کان وٺي قانوني رسالن جو ايڊيٽر رهيو آهيان، مون اسپين جي قديم اهم قانونن ۽ ٻين قانوني ڪتابن جو ترجمو ڪري بارايسوسيئيشن کي ڏنو آهي، هو لکي ٿو :

مان اڃان ننڍو ٻار ئي هوس تہ مون کي هر انهي شئي سان دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي، جنهن جو تعلق مسلمانن واري اسپين سان هيو. مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ مان ڇهن سالن جو هيس جو واشنگٽن جي ڪتاب الحمراجي مطالعي ۾ ايترو تہ رڌل هيس، جو منهنجي ماءُ مون کي ٽي دفعا ماني کائڻ لاءِ سڏ ڪيو. آئون بي خيالي ۾ ها ها چوندو رهيس، پر ڪتاب کي نہ ڇڏيم، نيٺ منهنجي ماءُ مون کي هٿ کان وٺي زوري ماني کائڻ لاءِ وٺي ويئي.

مسٽر اسڪاٽ اسپين جي سياحت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: منهنجو اصل مقصد اهو هو تہ مان پنهنجي سفرنامي لاءِ مواد گڏ ڪريان. ان وقت منهنجي ذهن ۾ اهو خيال ئي نہ هو تہ مون کي هن عظيم الشان قوم جي افسوس ناڪ تاريخ بہ لکڻي پوندي، جنهن قوم، تهذيب ۽ تمدن کي تمام گهڻو اڳتي وڌايو آهي. اسپين جي مسلمانن بابت مون سڀ کان پهريون

مضمون ماهوار آور لينڊ ڪيليفورنيا ۾ لکيو هو ان کان پوءِ مون پنهنجو ڪتاب ”هسٽري آف مورش ايمپائران يورپ “ 1904ع ۾ لکي پڌرو ڪيو. ڪتاب جي لکڻ ۾ ايترو ڏگهو عرصو ان ڪري لڳي ويو، جو مون کي هن قوم سان عشق آهي، ان ڪري مون کي ان لاءِ گهڻي محنت ڪرڻي پئي، منهنجي اها محنت جيڪڏهن هن عظيم الشان، جليل القدر بهادر، عالم ۽ عابد قوم جي ڪارنامن کي عوام تائين پهچائڻ ۾ مدد گار ثابت ٿي ته مان سمجهندس ته مون کي منهنجي محنت جو ڦل حاصل ٿي ويو.

مسٽر اسڪاٽ مسلمانن جي ذڪر کان بعد اسلامي تعليم بابت پنهنجا خيال هن ريت بيان ڪري ٿو: ”ڪو به قانون جيڪو توڙي دنياوي هجي، يا مذهبي، ان جي اصل قدر وقيمت جنهن ڳالهه مان واضع ٿئي ٿي، سا هي آهي ته هي قانون انسان ذات کي فائدو رسائڻ جي معاملي ۾ ڪيترو مفيد ثابت ٿيو آهي ۽ روز مره زندگي ۾ ڪيترو ڪار آمد ثابت ٿيو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ٻئي شخص کي پنهنجي عقيدي جي دعوت ڏيڻ گهري ٿو ته ان لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي عقيدي لاءِ مضبوط دليل ۽ بنياد فراهم ڪري، فرضي انسانن يا فرضي ڳالهين ۽ ڏپ ڏيارڻ سان ڪم نه هلندو. جنهن مذهب جي ترقي جو دارو مدار اڻ ڏٺل شين تي ايمان آڻڻ هجي، جنهن جو ڪو وجود نه آهي، يا اهڙين شين ڏيڻ جو واعدو هجي، جيڪي شيون اهو ڏيئي نه سگهي، يا اهو مذهب پنهنجي دعوي کي ثابت نه ڪري سگهي ته پوءِ اهڙو مذهب حقيقت جي دنيا ۾ پنهنجي حيثيت ثابت نه ڪري سگهندو. اسلام جي اشاعت لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو تلوار جي ذريعي وڌيو آهي، پر اها ڳالهه غلط آهي. انسان کي اها ڳالهه وسارڻ نه کپي ته مسلمان رياست ۾ جيڪڏهن ڪو غير مسلم جزيو ڏيندو آهي ته ان جي نتيجي ۾ قانوني طور تي ان جي حيثيت به مسلمانن واري ٿي ويندي آهي. اسلام پنهنجي پوئلڳن کي جيڪو آرام ۽ سڪون پهچائي ٿو اهڙو سڪون نه عيسائي مذهب جو پوپ ۽ پادري به پنهنجي مجيندڙن کي نٿو



پهچائي. هزارها برڪتون هجن. اهڙي اسلام تي، جنهن انسان ذات کي فائدو رسايو آهي، مثال طور اسلام جي پيروڪارن ڪيميا، طب ۽ جراحيءَ ۾ عظيم الشان ڪارناما سرانجام ڏيئي دنيا کي علم طب کان واقف ڪرايو. اهڙي طرح فن تعمير ۽ صنعت ۾ پڻ مسلمانن جا ڪارناما عظيم الشان آهن. جن جا آثار ڏسي اڄ به چوڻو پوي ٿو ته هن قوم دنيا تي وڏا احسان ڪيا آهن.

# اسلامي تعليم ۽ مسلمانن جون فتحون

## (پروفيسر فلپ ڪي هٽي)

مشهور تاريخدان پروفيسر فلپ ڪي هٽي پنهنجي ڪتاب " عرب ۽ مسلمان" جي شروعات ۾ لکي ٿو. حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي وفات کي اجان سو سال مس گذريا هئا تہ سندس پيروڪار انهيءَ وچ ۾ ايتري وڏي علائقي جا مالڪ بڻجي چڪا هئا جو روم وارا پنهنجي عروج جي زماني ۾ بہ ايتري وڏي علائقي جا مالڪ بڻجي نہ سگهيا هئا. مسلمانن جي حڪومت جون سرحدون هڪ طرف تہ سنڌو درياہ ۽ چين تائين پکڙيل هيون تہ ٻئي طرف نيل درياہ تائين ڦهلجي چڪيون هيون. رسول صلي الله عليہ وسلم جي تعليم جو نتيجو اهو نڪتو جو ڏکڻ يورپ ۽ اتر آمريڪا کان وٺي وچ ايشيا تائين هزارها مسجدن مان روزانہ پنج وقت الله واحد جي عظمت جو آواز بلند ٿيڻ لڳو. مسلمانن پنهنجي اخلاق، ڪردار، معاشرت ۽ معاملات ذريعي ٻين قومن کي ايترو تہ پنهنجي ويجهو آڻي ڇڏيو جو ان کان اڳ ڪنهن بہ حڪمران قوم ٻين قومن سان اهڙو سهڻو سلوڪ اختيار نہ ڪيو هو_ بابل، آشوري، ڪل گڏيو داني، آرميني قومن جا ابا ڏاڏا عرب ۾ ئي پيدا ٿيا هئا، ليڪن اج انهن جو نالو نشان بہ نٿو ملي، عرب اڳ بہ موجود هئا، پر اج عربن کي جيڪا حيثيت حاصل آهي، اها نمايان آهي.

اج دنيا تي اسلام جا پوئلڳ وڏي انگ ۾ موجود آهن. جنهن ۾ سيني قومن ۽ نسلن جا نمائندا شامل آهن. اهي پاڻ کي "محمدن " سڏائڻ جي بدران مسلمان سڏائڻ پسند ڪن ٿا. روزانہ چوويهن ڪلاڪن ۾ ڪابہ گهڙي اهڙي ناهي، جو دنيا ۾ ڪٿي نہ ڪٿي اذان جو پڙ لاءُ نہ ايندو هجي. عربن نہ رڳو هڪ وڏي اسٽيٽ قائم ڪئي، پر هنن هڪ وڏي تهذيب جو پڻ بنياد رکيو. هن نئين تهذيب جي جوڙ جڪ ۾ هنن نہ رڳو قديم موروثي



تهذيب کان استفادو ڪيو پر ان سان گڏو گڏ يوناني تهذيب جي پڻ سٺين ڳالهين کي شامل ڪيو. وچين دؤر ۾ اهڙي ڪابہ قوم نظر نہ ٿي اچي، جنهن انسانن جي ڀلائي لاءِ ايترا شاندار قدم کنيا هجن ۽ اهڙا بهترين ڪارناما سرانجام ڏنا هجن، جيترا هن دور ۾ مسلمانن سرانجام ڏنا آهن. جڏهن عرب جا رهاڪو ارسطو جو مطالعو ڪري رهيا هئا، ان وقت يورپ جي ـــــ درباري اميرن کي مشڪل سان پنهنجو نالو لکڻ ايندو هو. خود يورپ ۾ علم جي روشني کي پکيڙڻ لاءِ مسلمانن قرطبہ ۾ وڏا وڏا ڪتب خانا قائم ڪيا، جن مان هڪ ڪتب خاني ۾ چار لک ڪتاب موجود هئا. اِهو اُهو دور هو جڏهن آڪسفورڊ يونيورسٽي وارا وهنجڻ کي بہ عجيب سمجهندا هئا پر مسلمان راحت بخش حمامن ۾ وهنجندا هيا.

عربن جي واقعاتي تاريخ اسان لاءِ ان ڪري بہ اهميت رکي ٿي، جو هن سر زمين سان هڪ توحيدي مذهب جو تعلق آهي،جيتوڻيڪ يهودي، عيسائي مذهبن جو بہ عرب سرزمين سان گهرو واسطو آهي، عرب ڪٿي ڪامياب ٿيا آهن تہ ڪٿي ناڪام، پر حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي تعليم هميشہ مغلن ۽ ترڪن جي مٿان فتحيابي حاصل ڪندي رهي، 1947ع ۾ پاڪستان جهڙو وڏو مسلمان ملڪ آزاد ٿيو۽ 1949ع ۾ انڊونيشيا جهڙو اهم ملڪ مسلمانن جي حوالي ٿيو. ۽ اج بہ مراڪش کان وٺي انڊونيشيا تائين ڪروڙين مسلمان محمد ﷺ جا پيروڪار ۽ شيدائي موجود آهن. اج بہ ڪروڙين ماڻهو آهن، جيڪي روزمره جي زندگيءَ ۾ عربي زبان استعمال ڪن ٿا، عربي ٻولي صدين کان وٺي لکڻ ۽ پڙهڻ جي ٻولي آهي ۽ تهذيب جي اوسر ۾ هن ٻوليءَ کي وڏو مقام حاصل رهيو آهي. نائين کان ٻارهين صدي عيسوي تائين فلسفو طب ، تاريخ، مذهب، فلڪيات ۽ جاگرافيءَ جي موضوعن تي جيترا ڪتاب عربي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا، ايترا ٻي ڪنهن بہ زبان ۾ نہ لکيا ويا. مغربي ٻولين جي لغت ۾ اج بہ عربي زبان جا نقش چٽيل آهن، دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ استعمال لاطيني حروف تهجي

کان پوءِ عربي زبان جي حروف تهجي جو ٿئي ٿو پروفيسر فلپ ڪي هٽي وڏيڪ لکي ٿو:

"حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي ڪاميابي جي آخري مرحلي ۾ بہ زندگي اهڙي سادگيءَ سان گذاري، جهڙي شروعات ۾ گذاري هئائون پاڻ پنهنجا ڪپڙا گهٽو ڪري پاڻ ئي سبندا هئا. ننڍو توڙي وڏو ماڻهو هر وقت سندن خدمت ۾ اچي وڃي سگهندو هو. دنيا ۾ اڄ تائين اهڙو ڪو بہ انسان نہ گذريو آهي، جنهن کي اربها انسانن ڪامل انسان سمجهي، سندس پيروي ڪئي هجي. مديني جي مذهبي سوسائٽي اڳتي هلي هڪ اسلامي رياست جي شڪل اختيار ڪئي هئي، مڪي جي مهاجرن ۽ مديني جي انصارن مذهب جي بنياد تي هڪ امت ٺاهي هئي، عرب جي تاريخ ۾ سماجي تنظيم جي اها پهرين ڪاميابي ڪوشش هئي، جيڪا ڪنهن خون جي بجاءِ مذهب جي آڌار تي قائم ٿي هئي ۽ الله جو اقتدار اعليٰ ان جو بنياد هيو، محمد صلي الله عليہ وسلم جن الله جي نائب جي حيثيت ۾ روحاني ڪارنامن سان گڏوگڏ دنياوي اثر ۽ اقتدار بہ حاصل ڪيو هو. هن ملت ۾ سماج جا فرد ۽ سمورا قبيلا اصولي طور تي هڪ ٻئي جا ڀائر بڻجي چڪا هئا. پاڻ صلي الله عليہ وسلم جن حجة الوداع جي موقعي تي فرمايو هئايون تہ "اي مسلمانو! منهنجيون ڳالهيون غور سان ٻڌو، ياد رکو تہ هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ اوهان سڀئي آدم جو اولاد آهيو. تنهن ڪري اوهان مان ڪنهن کي بہ اهو اختيار ڪونهي تہ هو پنهنجي ڀاءُ جي ڪا شيءِ سندس اجازت کان سواءِ کڻي. انهيءَ تعليمات جي نتيجي ۾ قبيلن قومن ۽ نسلن جا پراڻا رشتا ختم ٿي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي هڪ نئون مذهبي نظام قائم ٿي ويو، اهڙي طرح حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي مرڪزيت پوريءَ طرح نروار ٿي ويئي. اسلامي رياست ۾ مسجد کي عدالت جو درجو حاصل هو. مسلمانن جون جنگي تدبيرون اتي ئي طي ٿينديون هيون ۽ مسلمان گڏجي اتي ئي عبادت ڪندا



هئا. مسجد ۾ نماز جو امام ئي جنگين ۾ پنهنجي فوج جو سپہ سالار هوندو هو. اسلام کان اڳ عربن جون سڀ کان وڏيڪ پسنديده شيون عورت، شراب ۽ جوا هيون، قرآن هڪ ئي آيت ۾ انهن ٽنهن شين تي پابندي عائد ڪري ڇڏي، ڪين ڪاپاري ڏک هنيو ۽ اهڙي طرح ڳائڻ وڄائڻ کي برو سمجهيو ويو. مديني کان جنهن مذهبي رياست جو آغاز ٿيو هو. اها آفريڪا، يورپ ۽ ايشيا تائين پکڙجي وئي، حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن پڙهيل تہ نہ هئا،پر ڪتاب اهڙو پيش ڪيائون، جنهن ۾ حڪمت ۽ علم جو وڏو خزانو سمايل آهي.

**قرآن جي عظمت جو اقرار**

پروفيسر، فلپ ڪي هٽي وڏيڪ لکي ٿو " اڄ بہ حالت اها آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کي ڪٿي ڪاغذ جو ڪو ٽڪرو نظر اچي ٿو تہ اهو ان کي وڏي احتياط سان اتان کڻي پٽ جي ڪنهن سوراخ ۾ محفوظ رکي ڇڏي ٿو ان ڪري جو متان ان تي الله جو نالو لکيل هجي، اها تعجب ۽ حيرت جي ڳالهہ ناهي ڇو تہ مسلمان سڀ کان وڏيڪ الله جي ڪتاب "قرآن" جي تعظيم ڪن ٿا جيئن تہ قرآن الله جو ڪتاب آهي، جيڪو جبرائيل امين جي ذريعي محمد صلي الله عليہ وسلم تي نازل ٿيو آهي، جنهن کي پاڪ انسانن کان سواءِ ڪو ٻيو هٿ ئي نٿو لاهي سگهي. جيڪڏهن اها ڳالهہ مڃي وڃي تہ دنيا ۾ عيسائين جو تعداد مسلمانن کان ٻيڻو آهي، تڏهن بہ اها ڳالهہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ دنيا ۾ سمورن آسماني ڪتابن مان اهو قرآن مجيد ئي آهي، جنهن کي سڀ کان وڏيڪ پڙهيو وڃي ٿو. هر مسلمان ٻار پڙهڻ جي شروعات قرآن مجيد پڙهڻ سان ئي ڪندو آهي ۽ هينئر تائين چاليهہ ٻولين کان وڏيڪ ٻولين ۾ قرآن مجيد جا ترجما شائع ٿي چڪا آهن.

لفظ قرآن جي معنيٰ آهي آواز سان پڙهڻ، بيان ڪرڻ ۽ گفتگو ڪرڻ وغيره. هي ڪتاب نهايت ئي طاقتور آهي ۽ زنده ٻولي ۾ آهي، قرآن جو زور

۽ اثر گھڻو ڪري سندس جملن جي حسين عبارت ۽ سلسلہ ڪلام ۾ ٿي موجود آهي، جنهن کي ترجمي ۾ ڪڏهن بہ پوريءَ طرح ادا ڪري نٿو سگهجي، قرآن عربي، انجيل جي 4/5 حَصي جي برابر آهي، پر تعليم ۾ جامع آهي. قرآن هڪ سائنٽيفڪ ڪتاب آهي. هو هڪ نصاب آهي، جنهن جي ذريعي عام تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي يونيورسٽي ازهر ( قاهره ) جي نصاب ۾ بہ هي ڪتاب پوري طرح شامل آهي. عرب جيڪي مختلف علائقن ۾ رهن ٿا، پر انهن جي ٻولي ۾ اهڙو فرق نہ آهي، جهڙو يورپ جي مختلف علائقن ۾ رهندڙن جي ٻوليءَ جي وچ ۾ فرق آهي، ان جو سبب قرآن مجيد ئي آهي، قرآن عربن جي ٻولي کي معيار ۽ بنياد فراهم ڪيو آهي ۽ سندن ٻوليءَ ۾ فرق اچڻ نہ ڏنو آهي. ان مان قرآن جي ادبي حيثيت جي خبر پئجي وڃي ٿي، ٿي سگهي ٿو تہ عراق جو عرب، مراڪش جي عرب جي گفتگو کي سمجهڻ ۾ ڪجھ مشڪلات محسوس ڪندو هجي، پر هو هڪ ٻئي جون تحريرون آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهن ٿا.

حضرت محمد رسول ڪريم صلعم جي دؤر ۾ عربي نثر ۾ اعليٰ درجي جو ڪو بہ ڪتاب موجود نہ هو. قرآن، عربي نثر جو پهريون ڪتاب آهي، ۽ ان وقت کان وٺي هينئر تائين قرآن پنهنجو معيار برقرار رکيو آهي، قرآن جي زبان ترنم واري تہ آهي، پر منظوم نہ آهي. دنيا جا مسلمان پنهنجي مذهبي اصولن کي بيان ڪندي مذهبي عقيدن ۽ عبادتن ٻنهي کي ڌار ڌار قرار آهن. الله سندس فرشتن، ڪتابن، رسولن ۽ قيامت جي ڏينهن تي يقين رکڻ کي ايمان چئجي ٿو. مسلمانن جو سڀ کان وڏو ۽ پهريون يقين ڪلمو لآ اِلٰهَ الاّ اللهُ مُحَمّدُ رَسُولِ اللهِ (صَلَي اللهُ عَلَيہِ وَسَلّم) آهي يعني الله کان سواءِ، ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي ۽ محمد (صلي الله عليہ وسلم) الله جو رسول آهي. ايمان ۾ الله کي مڃڻ جو مقام سڀ کان مٿي آهي، الله جي اڳيان پنهنجي خواهشن کي ختم ڪري، سندس مرضي تي هلڻ جو نالو



اسلام آهي. حضرت ابراهيم ۽ سندس پٽ حضرت اسماعيل جو الله جي مرضي جي اڳيان جهڪي وڃڻ جو نالو بہ اسلام آهي ـــ حضرت محمد ﷺ پنهنجي مذهب جو نالو بہ انهيءَ ڪري اسلام رکيو آهي، اسلام جي پيرو ڪارن ۾ بين قومن جي مقابلي ۾ صبر، توڪل ۽ ايثار جو جذبو وڌيڪ موجود آهي ۽ تاريخي انگ اکر ٻڌائين ٿا تہ اسلامي ملڪن ۾ آپ گهات جون وارداتون سڀ کان گهٽ ٿين ٿيون.

ايمان جو ٻيو حصو محمّد رسول الله آهي، يعني محمدالله جو رسول ۽ پنهنجي امت جو هادي آهي، هو پيغمبرن جي ڊگهي سلسلي جي آخري ڪڙي آهي، تنهن ڪري سندس مرتبو سڀ کان مٿي آهي. قرآن جي مذهبي تعليم ۾ محمد صلي الله عليه وسلم انسان آهي، قرآن جي زبان جو حسن سندس معجزو آهي. سندس مذهب هڪ عملي مذهب آهي پاڻ کو بہ اهڙو اصول پيش نہ ڪيو اٿائون، جيڪو ناقابل عمل هجي، اسلام هر قسم جي مذهبي مونجهارن کان پاڪ آهي.

**قرآن :** الله جو ڪتاب آهي. الله جو پنهنجي ٻانهن ڏانهن آخري پيغام آهي، هي غير انساني ڪلام آهي. قرآن جو لهجو اهڙو آهي، جيڪو دل ۾ گهر ڪري وڃي ٿو. قرآن حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي معجزن ۾ سڀ کان وڏو معجزو آهي، جيڪڏهن سيئي جن ۽ انسان گڏجي اهڙو ڪلام ٺاهڻ چاهن تہ بہ ٺاهي نہ سگهندا.

**نماز :** اسلام جو ٻيو رڪن آهي، نماز جي وقت دنيا جي سمورن ملڪن جا مسلمان ڪعبةالله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن ٿا، اهڙي طرح سڄي دنيا جي مسلمانن جو مرڪز مڪه ٻڌجي وڃِي ٿو جمعي جي نماز جيڪا ٻنپهرن جو پڙهي وڃي ٿي. اها سڀني بالغ مردن تي فرض آهي، ڪن مسجدن ۾ تہ عورتن لاءِ پڻ جمعي جي نماز جي لاءِ ڌار انتظام ڪيو ويندو آهي، جمعي نماز جي هڪڙي خاصيت امام صاحب جو خطبو پڻ هوندو آهي. اجتماعي عبادت ۽ دعا جي لحاظ کان جمعي جي نماز جو شان ٿي

نرالو هوندو آهي، جيڪڏهن مسلمان ترتيب سان ٺهيل صفن ۾ سڏا ٿي امام صاحب جي پيروي ۾ رڪوع ۽ سجدو وغيره ڪندا آهن، ته اهو منظر پڻ وڏو اثر انگيز هوندو آهي. هي اجتماعي عبادت، نظم وضبط جي لحاظ کان غيور، خوددار، انفرادي مزاج رکندڙ ماڻهن جي اندر سماجي مساوات قائم ڪرڻ ۽ انهن ۾ وحدت جو جذبو پيدا ڪرڻ ۾ پڻ گهڻي ڪارائتي آهي، مسلمانن ۾ ڀائپي واري رشتي کي مضبوط بنائڻ ۾ نماز کي وڏو عمل دخل حاصل آهي.

**حج :** هڪ اهڙو طاقتور عمل آهي، جيڪو سون سالن کان وٺي مسلمانن جي قوت ۽ وحدت کي قائم ۽ برقرار رکندو آيو آهي ۽ مختلف مذهبي گروهن کي ڳنڍڻ جو پڻ ذريعو آهي، حج ڪرڻ هر مسلمان تي زندگي ۾ هڪ دفعو فرض آهي، انهيءَ مسلمان تي جيڪو حج جي وسعت ۽ سفر جي طاقت رکندو هجي. مسلم دنيا جي برادريءَ جو هي اجتماع هر اعتبار کان لاثاني آهي، حج عربن، ايرانين ترڪن، يورپين ۽ چيني مسلمانن کي هڪڙي برادري ۾ آڻي ڇڏي ٿو ۽ امير توڙي غريب کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ملائي ڀاءُ ڀاءُ بڻائي ڇڏي ٿو ۽ دنيا جي هر ڪنڊڪڙڇ ۾ ڦهليل مسلمانن کي ملاقات جو موقعو فراهم ڪري ٿو.

### اسلام جي ڪاميابي

وچين دؤر جي شروعات م ٿيندڙ واقعن ۾ ٻه واقعا وڏي اهميت وارا آهن. هڪ قديم جرمن قوم جو پنهنجي وطن کي ڇڏڻ جو واقعو آهي، جنهن ڪري رومي سلطنت ۾ ڦوٽ پئجي ويئي هئي، ۽ ٻيو واقعو عربن جون فتوحات آهن، جن ايراني شهنشاهيت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو هو. ستين صدي جي شروعات ۾ جيڪڏهن ڪو شخص اها اڳ ڪٿي ڪري ها ته آئنده ويهن سالن ۾ عربن جهڙي وحشي ۽ گمنام قوم ۾ هڪ اهڙي بي مثال قوت پيدا ٿيندي جيڪا هڪ طرف ساساني حڪومت تي قبضو ڪندي ته ٻئي طرف وري بازنطيني حڪومت کي پنهنجي قبضي ۾



آڻيندي ته اها اڳ ڪٿي ڪندڙ شخص کي يقيناَ چريو سمجهيو وڃي ها. عملاً ائين ئي ٿيو جنهن جو دنيا وارا تصور به نه پيا ڪري سگهن. پيغمبر اسلام جي وفات کان پوءِ ائين محسوس ٿئي ٿو ته جڻ عرب جي غير آباد زمين کي ڪنهن باڪمال ماڻهو انسانن سان آباد ڪري ڇڏيو آهي. هن ڌرتي مان اهڙا انسان پيدا ٿيا، جن جي اخلاق ۽ خوبين جي ڪمال جو اندازو لڳائڻ ئي مشڪل آهي. اهڙن باڪمال انسانن جو سڄي دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. عراق شام ۽ مصر جي فتوحات ۾ خالد بن وليد ۽ عمرو بن العاص جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون، انهن جي ڀيٽ ۾ سڪندر ۽ نيپولين جون ڪاميابيون گهٽ آهن.

ساساني ۽ بازنطيني حڪومتون، پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ويڙه جي ڪري ڪمزور ٿي چڪيون هيون، جنهن ڪري پنهنجي رعيت مٿان ڀوريون ٽيڪسون لڳايون ويون هيون. رعيت کي پنهنجي ملڪ سان تعلق نه رهيو هيو جنهن ڪري عربن لاءِ وڌيڪ آساني ٿي وئي هئي. شام، فلسطين ۽ عراق جا باشندا پنهنجي ظالم ۽ بي رحم حڪمرانن جي مقابلي ۾ عربن کي محسن سمجهڻ لڳا هيا. حقيقت اها آهي ته اهو اسلام جو عروج ئي هيو جنهن کان متاثر ٿي مشرقي ملڪن جا ماڻهو به سجاڳ ٿيا هيا ۽ هنن پاڻ کي مغرب جي هزارين سالن جي غلامي کان نجات ڏياري هئي. ان کان سواءِ نون فاتحن پنهنجي رعيت تان ٽيڪسن ۽ ڍل جا بار پڻ لاهي ڇڏيا هيا، ۽ انهن کي هر قسم جي مذهبي آزادي پڻ ڏني هئي، هوڏانهن عرب، نئين جوش ۽ جذبي سان ڀريل هئا ۽ هو اسلام جي روح مطابق موت کان پڻ بي خوف هيا.

فوج جي بيهڪ پراڻي طرز جي هئي، ان کي قطارن ۾ ۽ مختلف ٽولن ۾ منظم طور تقسيم ڪيو ويندو هو. جنگ جي شروعات انفرادي لڙائيءَ سان ٿيندي هئي، وڏا بهادر پنهنجي صفن کان ٻاهر نڪري، مخالف ڌر جي بهادرن کي مقابلي لاءِ للڪاريندا هئا. عرب سپاهي کي پنهنجي حيثيت مطابق ايراني ۽ رومي سپاهيءَ کان وڌيڪ پگهار ملندي هئي، مال غنيمت ۾

۽ سندن حصو موجود هو. فوجي پيشو نہ رڳو الله جي نظر ۾ پسنديده هو پر دنياوي لحاظ کان بہ فائديمند هو. مسلمان عربن وٽ جيڪا قوت هئي، اها نہ رڳو هٿيارن ۽ بهترين تنظيم جي ڪري هئي، پر سندن قوت ۾ بلند اخلاق ۽ ڪردار بہ سمايل هو جنهن کي ٺاهڻ ۾ سندن دين کي وڏو عمل دخل هو. اهو الزام تہ حضرت عمر جي حڪم سان حضرت عمرو بن العاص ڇهن مهينن تائين اسڪندريہ جي ڪتب خانن کي باه جي ٻنين ۾ ساڙايو هو قطعي بي بنياد هو اهڙن ڳالهين سان هڪ سٺو ناول تہ تيار ٿي سگهي ٿو پر سٺي تاريخ ٺهي نہ ٿي سگهي، جنهن وقت عربن اسڪندريہ کي فتح ڪيو هو ان وقت اسڪندريہ ۾ ڪو بہ قابل ذڪر ڪتب خانو هيوئي ڪون.

### خلفاءِ راشدين جو ڪردار

پهرين ٻن خليفن جنهن نموني سان حڪومت ڪئي هئي، ان ۾ سندن شخصيت جو ڪردار واضح نظر اچي ٿو ۽ اهو ڪردار ئي اسلام جو مثالي نمونو آهي، حضرت ابوبڪر جي زندگي نهايت سادي هئي، هو خلافت جي دوران روزانہ اهي ڪم بہ سرانجام ڏيندو هو جيڪي خلافت کان اڳ ڪندو هوءِ پاڻ ڪنهن بہ سماجي خدمت جو معاوضو نہ وٺندو هو. حضرت عمرحضرت ابو بڪر جو جانشين مقرر ٿيو هو نهايت چست ۽ ذهين انسان هو. ۽ نهايت ڪفايت شعار پڻ هو ڏٺي، ڪشادي ۽ مضبوط جسم جو مالڪ هو. خليفي ٿيڻ کان پوءِ هو ڪجهہ وقت تائين واپار پڻ ڪندو رهيو. سندس زندگي هر قسم جي شان شوڪت، نمود ۽ نمائش کان پاڪ هئي. سندس رحم ۽ ڪرم، عدل ۽ انصاف بيمثال آهي، هو انهن سڀني صفتن ۽ خوبين جو مالڪ هو جيڪي هڪ خليفي ۾ هئڻ کپن. چيو وڃي ٿو تہ حضرت عمر وٽ هڪ ئي قميص هئي، جنهن ۾ بہ چتيون لڳل هيون، پاڻ ڪجين جي تڏي تي سمهندا هئا، ڪيس دين کي صاف ۽ پاڪيزه رکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ فڪر ڪو نہ هو. پاڻ عدل ۽ انصاف قائم رکڻ، مسلمانن جي سلامتي ۽ سندن ترقي ۽ فروغ لاءِ هميشہ پريشان رهندا هئا. عرب ادب حضرت عمر جي اعليٰ ڪردار جي روايتن سان ڀريل نظر اچي ٿو پاڻ پنهنجي پٽ کي شراب نوشي ۽ بدڪاري جي ڏوه ۾ ايترا نہ ڦٽڪا هنيائون جو هو انتقال ڪري ويو.



# اسلام ئي مڪمل جمهوريت جو

## نمونو پيش ڪيو آهي

## (هيرلڊ جي گرين برگ)

دنيا جا سڀ عالم ۽ ڏاها هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ جڏهن کان انساني تاريخ لکجڻ شروع ٿي آهي، اسلام ئي دنيا جو اهو واحد مذهب آهي، جنهن نہ رڳو انسان کي جمهوريت کان واقف ڪرايو ، پر هڪ مضبوط معاشرو قائم ڪري، جمهوريت جي تصور کي حقيقت جي شڪل پڻ ڏني.

اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت انسان جي حالت اها هئي تہ هو شعور جي لحاظ کان اڄ جي مقابلي ۾ چوڏهن سؤ سال پوئتي هو. تنهن ڪري اسلام جنهن وقت جمهوريت جي اشاعت ڪئي، ان کي موجوده زماني جي ڪنهن سياسي اصطلاح جو نالو نٿو ڏيئي سگهجي، پر تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسلام انسانذات کي جنهن جمهوري، سماجي ۽ سياسي نظام جي دعوت ڏني هئي، اهو نہ رڳو جمهوري هو پر ان ۾ اڄوڪي جمهوري نظام کان زياده جمهوري روح ڪار فرماهيو. موجوده ترقي يافتہ جمهوريت ۾ اڪثريت جي بالادستي کي تسليم ڪندي، سڀني قوم لاءِ آزادي، مساوات ۽ فلاح جي گنجائش رکي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ جمهوريت جي هن مفهوم سان اختلاف جي گنجائش باقي نہ ٿي رهي، پر جڏهن جمهوريت کي عمل ۾ آندو وڃي ٿو تہ هن ۾ ڪي اهڙا نقص نظر اچن ٿا، جنهن سان جمهوريت جو حقيقي مفهوم ۽ مقصد متاثر ٿي وڃي ٿو ۽ جمهوريت رڳو هڪ با اختيار ٽولي جو نالو بڻجي وڃي ٿي، يعني جمهوريت آمريت جي شڪل اختيار ڪري وڃي ٿي. مساوات جي باري ۾ اسلام جمهوريت جو جيڪو تصور پيش ڪري ٿو ان مان انسانن جي وچ ۾ هر قسم جو فرق متجي وڃي ٿو. جيئن تہ اسلام رنگ، نسل، وطن ۽ مذهبن جي اختلافن کي انساني مساوات

جي واٽ ۾ رڪاوٽ جي شديد مذمت ڪري ٿو اسلام انسان جي عزت جو دارو مدار سٺن عملن کي قرار ڏي ٿو موجوده جمهوريت ۾ اسان کي جمهوريت جو اعليٰ قدرون بلڪل نظر نٿيون اچن. تنهن ڪري جيڪڏهن اسان کي دنيا ۾ جمهوري نظام کي ڪامياب بنائڻو آهي ته اسان کي دل کولي اسلام جو مطالعو ڪرڻو پوندو.



# اسلام روشنيءَ جو مذهب آهي

## (پروفيسر مارس)

روم جا عيسائي جنهن گمراهيءَ ۾ مبتلا هيا. ان مان انهن کي ڪا به شيءِ ڪڍي نه پئي سگهي، عرب جيڪي حق جا مخالف هيا. انهن جي اندر حق جي اشاعت ۽ سچائي جي تبليغ انهيءَ شخصيت ڪئي، جيڪو غار حرا مان الله جو پيغام وٺي آيو هو هن سچائي جي تبليغ اهڙي ته عملي ڍنگ ۾ ڪئي، جو ان کان وڌيڪ بهتر طور تي تبليغ ڪرڻ ممڪن ئي نه هو هن هڪ سادو پاڪ ۽ صاف مذهب دنيا کي سيکاريو جنهن کان وڌيڪ پاڪيزه مذهب ٻيو ڪو ٿي ئي نه ٿو سگهي، رسول الله صلي الله عليہ وسلم مذهب جو اهڙو ته صاف تصور پيش ڪيو جنهن ۾ نه ته مورت جي اهميت ۽ نه تصوير جي، جنهن ۾ ايمان به عمل کان سواءِ فائدو ڏيئي نٿو سگهي، جڏهن گهڻي مشڪل سان سمجهڻ واري عيسائي مذهب متعلق سوچجي ٿو ته دل پڪاري اٿي ٿي ته ڪاش ! اسان کي اسلام جهڙو سادو دين ورثي ۾ ملي ها. اهڙو دين جنهن ۾ لاَ اِلاهَ اِلاّ الله مُحَمّدُ رَّسُولُ اللهِ چئي اسلام ۾ داخل ٿجي ها.

# هندستان تي اسلام جي روشني

## (پروفيسر جي سي چٽرجي)

پروفيسر جي سي چٽرجي ، عثمانيه يونيورسٽيءَ جو استاد هو. هن هڪ ڀيرو انجمن حمايت الاسلام لاهور جي ساليانو جلسي ۾ مقالو پڙهيو هو. مقالي جا ڪي حصا هتي پيش ڪجن ٿا" اسلام جي شروعات ۽ ان جو پکڙجڻ نه رڳو هندستان لاءِ پر سڄي انسان ذات لاءِ هڪ حيرت انگيز ڪرشمو آهي، پروفيسر ونسينٽ اسمٿ انهيءَ حيرت جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

" حضرت محمد رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جو دين، جنهن تيز رفتاريءَ سان پکڙيو ۽ هو جنهن رفتار سان وڌيو جو ان جا پيرو ڪار ، حڪومت جي اعليٰ مقام تي پهتا. اها تاريخ نه رڳو حيرت جوڳي آهي، پر اها معجزي کان پڻ گهٽ نه آهي" انهيءَ ڪاميابيءَ جو جيڪو معموليءَ خشڪ سبب ٻڌايو وڃي ٿو ان سان دل مطمئن نٿي ٿئي، تاريخ ۾ اهڙا عجيب غريب واقعا موجود آهن، جن جا سبب اڃان تائين معلوم ٿي نه سگهيا آهن ۽ اسان کي اها ڳالهه مڃڻي پوي ٿي ته ماضي ۽ حال جون اهڙيون ڪافي شيون آهن، جن کي انساني عقل سمجهي ئي نٿو سگهي، اسلام جي واڌ ۽ ترقيءَ جا جيڪي مادّي سبب بيان ڪيا وڃن ٿا. انهن کي دل مڃڻ لاءِ تيار نه آهي، البت جيڪي روحاني سبب ٻڌايا وڃن ٿا، اهي سمجهه ۾ به اچن ٿا ته دل به انهن کي مڃڻ تي آماده ٿئي ٿي. هندستان ۾ اسلام جي اشاعت جي موضوع تي گفتگو ڪرڻ کان اڳ ان وقت جي عرب ۽ ان جي پر وارن ملڪن جون حالتون ڪهڙيون هيون؟ اها ڳالهه ته سيني کي معلوم آهي ته " عرب بت پرست هيا، ايستائين جو يهودي به " ايل يا ايلو هيم " جي عبادت ڪندا هئا، جنهن جو ترجمو " خدا " يا "خدائن" آهي،



جنهن جو مطلب آهي ته يهودين ۾ هڪ خدا کان وڌيڪ خدائن جو تصور موجود هو ، اخلاقي نقطه نظر کان نه رڳو عرب پر روم، ايران ۽ مشرق وارا پڻ گهٽ پري هئا. ايران جي زرد شتين وٽ به ٻن خدائن جو تصور هو. هڪ نيڪي جو خدا ته ٻيو بدي جو خدا، عيسائي وري ٽن خدائن کي مڃيندا هيا. رومي به گهڻو ڪري عيسائي هئا، ۽ يهودي به زوال ۾ مبتلا ٿي چڪا هئا. اهڙي اونداهي دور ۾ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا. پاڻ روشني جا مينار هيا، رسول ڪريم ﷺ روحاني جلال، شان شوڪت ۽ عظمت جا مينار هيا، ان جي باوجود هو نهايت ساده هيا. هو هڪ الله جي عشق کان سواءِ ٻئي هر قسم جي عشق کان آزاد هيا، پاڻ هر گمراهي ۽ جهالت کي متائڻ لاءِ سينو ساهي ميدان ۾ آيا. عشق الاهي ۾ زندگي بسر ڪرڻ لڳا هيا، عشق الاهي ۽ جدوجهد جي معاملي ۾ سندن پيرو ڪار ساڳي نقش قدم تي قائم رهيا، اهو ته معلوم آهي ته سندن خليفن نهايت سادگي ۽ پاڪبازي سان زندگي گذاري هئي، حالانڪ هو وڏي سلطنت جا فرمان روا هئا، ۽ انهن جي روحاني قوت جي ڪري سندن پيغام روم ۽ ايران جي چپي چپي تائين پکڙجي ويو. جيستائين هندن ۾ اسلام جي داخل ٿيڻ جو تعلق آهي ته سوال هي آهي ته آخر اهو ڪهڙو خدائي حڪم آهي، جنهن عربن کي هندستان تي ڪاهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو؟ هن سوال جي جواب کان اڳ ان دور جي هندستان جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي، هندستان ۾ اسلام اٺين صدي عيسوي ۾ داخل ٿيو ان دور جي متعلق اسان وٽ هڪ چيني سياح هو ان سانگ جي گواهي موجود آهي. هن جي بيان ڪيل حالتن جي تصديق ٻين ذريعن کان به ٿئي ٿي. ان زماني ۾ هندستان جادوگريءَ جي فن ۾ مشهور هيو، ٻڌمت مذهب وارا وڏي تعداد ۾ موجود هئا ۽ انهن مان ڪيترائي اهڙا هيا، جن جو ڌندو ئي جادوگري ڪرڻ هيو. هو پنهنجي صلاحيتن کي غلط مقصدن لاءِ استعمال ڪندا هيا. نه فقط اهو پرشهوت پرستي ۾ به هندستان حيوانن کان به اڳتي وڌي ويل هيو.

چيني سياح هندستان ۾ مسلمانن جي اچڻ کان تقريبًا پنجاه سال اڳ سنڌ جو سفر ڪيو هيو. هو لکي ٿو ان وقت سنڌ ۾ 10,000 ڀڪشو موجود هيا، جيڪي گهڻو ڪري بدڪاري ۽ شهوت راني جي بيماري ۾ وڪوڙيل هيا. ٻڌمت جي علمبردارن ٻڌمت جو هڪ نئون روپ پڻ پيش ڪيو هو. جنهن ۾ ماده پرستي کي جاءِ ڏني وئي هئي، جنهن مطابق هر روحاني شيءِ جو انڪار ڪيو ويو هو. حالانڪ ٻڌمت جو ان تعليم سان ڪو تعلق ڪو نہ هيو. مون ٻڌمت جا اصلي مذهبي ڪتاب پڙهيا آهن، مون کي تہ انهن ۾ ماده پرستي جو نالو نشان بہ نظر نہ ٿو اچي. هندو مت ۾ بہ اخلاقي اعتبار سان نهايت ڪريل تعليمات موجود هئي. پنڊتن ۽ هندو مذهب جي عالمن ۾ تڪبر، وڏائي، نفرت، عناد ۽ تعصب جهڙيون بيماريون چڱي طرح موجود هيون، انهن ۾ ذات پات جا فرق ۽ فاصلا اهڙا تہ رائج هيا جو انهن جي ڪري مختلف ذاتين وارن سان ٻئي نسل ۾ پيدا ٿيڻ جي ڪري ظلم ڪيو ويندو هو ۽ انهن کي ذليل سمجهيو ويندو هو. ان ڪانسواءِ حڪمران راجا پڻ هڪ ٻئي سان جهيڙي جهڳڙي، دشمني ۽ مسلسل گهرو لڙائي ۾ مبتلا رهندا هيا.

حڪمران سنڌ جي باشندن تي جيڪو ظلم ڪندا رهيا. تنهن جو اندازو هيٺين حوالي مان لڳائي سگهجي ٿو. لين پول ( ميڊيول انڊيا) لکي ٿو.

سنڌ جا هندو حڪمران پنهنجي رعيت لاءِ تمام وڏا ظالم هيا. اهو ئي سبب هو جو جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو تہ ان وقت جت، ميو ۽ ڪجهہ ٻين قومن پنهنجي حڪمرانن جي جاءِ تي عربن جو ساٿ ڏنو هو. جيڪي هندستان ۾ زياده آهن. موجوده دور کان اڳ هندستان ۾ وڏيون وڏيون حڪومتون قائم هيون، مهاڀارت جو زمانو تہ گهڻو پراڻو آهي اشوڪ اعظم جي حڪومت سڄي هندستان تي ڇانيل هئي، ڪابل کان وٺي گوداوري تائين سندس حڪومت جون سرحدون پکڙيل هيون. گپت خاندان جي حڪومت جي وقت ۾ بہ اها ئي حالت هئي. مهاراجا هرش جي حڪومت بہ



نهايت طاقتور هئي، پر ان کان پوءِ حڪمرانن ۾ قوت ڀڄي وئي ۽ هر جاءِ تي جهيڙا جهڳڙا ٿيڻ لڳا. حڪمرانن جي گهرو لڙائي بابت " البيروني پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل ڏني آهي، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ برهمڻ ۽ سندس پيرو ڪار ڪيترا نہ تنگ دل هئا. انهن کان جيڪو شخص بہ ڌار ٿيندو هو. هو ان کي ناپاڪ سمجهندا هيا ۽ انهن سان اڇوتن جهڙو برتاءُ ڪندا هيا، ان ڪري ضروري هو تہ الله تعاليٰ انهن کي سزا ڏي، پر ان کان اڳ ڀارت ۾ ائين نہ. هو يونان جو سياح ڀالونس جو تيانا، عيسوي سن جي شروعات ۾ هندستان ۾ آيو هو. هو. ڌارئي هجڻ جي ڪري مليڇ هو. قديم زماني جا هندو غير ملڪين کي مليڇ سڏيندا هئا، مليڇ هجڻ جي باوجود ان کي تڪڇشلا (ٽيڪسيلا ) جي قديم هندو شهر جي مندر ۾ ترسايو ويو هو. آثار قديمہ جي ماهرن، هن مندر جي کوٽائي ڪري انڪشاف ڪيوآهي تہ اپالونيس جي مؤرخ، جنهن جاءِ جي نشاندهي ڪئي آهي، اها جاءِ ساڳي هنڌ تان نڪتي آهي، ان زماني ۾ هندن ۽ غير هندن جي وچ ۾ شادي جو پڻ رواج هو. مثال طور چندرگپت، سلي ڪيو سڪارٽر ريوناني بادشاهہ ) جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، حالانڪ هو يوناني هو. هندستان ۾ جيستائين فراخ دلي هئي، تيستائين ٻين علائقن جي ماڻهن سان ڀائپي وارو برتاءُ بہ هو تہ ان سان گڏو گڏ ترقي پڻ ڪندو رهيو. پر جڏهن هندستان ۾ ننڍ وڏائي ۽ نسل پرستي جا جذبا پيدا ٿيا ۽ نفرت عام ٿي وئي تہ هندستان جو زوال شروع ٿي ويو.

پروفيسر جي سي چٽر جي چوڻ آهي تہ جنهن سماج ۾ مٿين قسم جون خرابيون پيدا ٿي وڃن ٿيون تہ ان جي علاج لاءِ خدا جي پاران ٽي قسمن جون تدبيرون ظاهر ٿين ٿيون، ٽين تدبير جي باري ۾ لکي ٿو تہ اهو طريقو اهو آهي تہ اهڙو مذهب وجود ۾ اچي جيڪو نفرت ۽ ٻيائي کي ننڍي ۽ انسانيت کي هڪ مرڪز تي گڏ ڪري ٿو يعني هو دنيا جي خالق ۽ مالڪ هڪ خدا جي مٿان ايمان آڻڻ ۽ توحيد جو عقيدو ذهنن ۾ ويهارڻ

جي ڪوشش ڪري ٿو اسلام خدا جي منشا جي اها ٿين صورت آهي. تنهن ڪري اسلام هندستان ۾ سڀ کان پهرئين سنڌ ۾ آيو جتي روحاني ۽ اخلاقي اعتبار سان سڀ کان وڏيڪ فساد هيو پر سوال هي آهي ته ڇا عرب فاتحن اهي سمورا مندر جتان انهن جي مخالفت ٿي، انهن کي ڊاهي ڇڏيو، ڇا انهن شهرن کي ساڙي ڇڏيو هو؟ نه بلڪل نه ! سنڌ جي باري ۾ فاتحن جا حالات پڙهجن ٿا ته حيرت اچي وڃي ٿي، جنگ ڪٿي به ٿئي ته ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه ته نقصان ضرور ٿئي ٿو. جيڪڏهن هڪ مذهب وارا به پاڻ ۾ وڙهن ٿا تڏهن به فتنو فساد بر پا ٿئي ٿو پر سنڌ ۾ جنگ ۾ ڪا به تباهي سامهون نه آئي، ڇاڪاڻ ته عرب فاتحن کي سخت تاڪيد ٿيل هئي ته مندرن کي هٿ نه لڳائين. برهمڻ ۽ ٻين هندن کي حڪومت جي اعليٰ عهدن تي مقرر ڪيو ائين ڪرڻ جو نتيجو هيو ته هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ دوستانه تعلقات قائم ٿي ويا_ مشهور مصنف لين پول لکي ٿو ملتان ( سنڌ ۾ ) مسلمانن جي حڪومت قائم هئي. اها روادار به هئي ته ڪفايت شعار پڻ، شهرن ۽ ٻهراڙين جا باشندا ڍل ۽ محصول وصول ڪرڻ وارا پاڻ ئي منتخب ڪندا هئا، برهمڻن جي حفاظت جو خاص انتظام هو. ۽ انهن کي وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا هئا. اسلامي فاتحن جي انهن حڪمن ۾ جيڪي پنهنجن آفيسرن لاءِ جاري ڪيا ويا هيا، تن ۾ تمام گهڻي محبت سمايل هئي، سرڪاري فرمان هيو ته عوام ۽ حڪمرانن جي وچ ۾ انصاف ۽ ايمانداري سان معاملا ڪيا وڃن. جيڪڏهن ڪا شيءِ ورهائي وڃي ته ان جا هڪ جيترا حصا ڪيا وڃن. ٽيڪس ايترو نه لڳايو وڃي جو ماڻهو ادا نه ڪري سگهن. پاڻ ۾ گڏجي رهو لڙائي نه ڪريو ائين ڪرڻ سان هڪ ٻئي جي دل آزاري ٿئي ٿي.

هن آخري جملي کي غور سان پڙهو ته عرب فاتح پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ماتحت عملي کي حڪم ڪري رهيو آهي ته هو پاڻ ۾ جهيڙا جهٽا نه ڪن متحد ٿي رهن، متان رعيت تڪليف ۾ اچي وڃي. حڪمرانن



کي اهو فڪر آهي ته رعيت جيڪا زياده تر هندو آهي، اها تباهه نه ٿئي، سنڌ جي عرب فاتحن جي اها پاليسي هئي ته هتي اهڙي ڪا به شيءِ جنهن سان انتشار ۽ خلفشار پيدا ٿئي، سا نه ٿئي، بلڪ رعيت سان عرب فاتحن جو رويو فراخدلي وارو هو. حڪمران حڪومت جي نظام هلائڻ لاءِ ملڪ جي اعليٰ دماغن کان ڪم وٺندا هئا. رعيت کي تقريبا خود مختياري حاصل هئي، تنهن ڪري عوام پنهنجا محصول وصول ڪرڻ وارا پاڻ ئي چونڊيندا هئا. مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهايو وڃي ٿو ته اسلام هتي (يعني سنڌ ۾ ) تباهي ۽ بربادي پکيڙڻ آيو هيو پر مان هڪ هندو جي حيثيت ۾ انهي ڳالهه سان متفق نه آهيان ته اسلام ڊاهه ڊوهه کان ئي ڪم ورتو پر هن وڏو تعميري ڪم پڻ ڪيو. اها ڊاهه ڊوهه به خدا ئي اصول مطابق هئي، ڇاڪاڻ ته هتان جا حڪمران ظالم ٿي چڪا هئا، هندستان جو ڌرم نهايت خراب جادو جي شڪل اختيار ڪري چڪو هو، مون کي يقين آهي ته اسلام جو مقصد يعني ( مسلمانن جي ڪاهن جو مقصد ) هندستان مان جادو جي وهم پرستانه لعنت کي دور ڪرڻ هو . ۽ هتان جي سماج ۾ اصلاح آڻڻي هئي. لين پول هڪ هنڌ لکي ٿو اهي عرب جيڪي هندستان ۾ نوان نوان داخل ٿيا هئا، ملتان ۽ منصورا جي نون شهرن ۾ حڪمران خاندان جو بنياد وڌو، جڏهن ڏهين صدي عيسوي ۾ مسعودي نالي هڪ سياح هن ملڪ جو دورو ڪيو هو ته ان وقت ملڪ تي خاندان نبوت جي حڪمراني هئي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ابن هيڪل سنڌ جو سير ڪيو ته هتي عربي ۽ سنڌي زبانون رائج هيون___ مسلمانن ۽ هندن جي وچ ۾ محبت ۽ رواداري جا تعلقات قائم هيا، سڀ کان اڳ اسلام ائين صدي عيسوي جي شروعات ۾ آيو هو . جڏهن غوري خاندان جي ماڻهن پارٿ کي مفتوح بنايو هو ۽ غزني جي حڪمرانن ملڪ تي حملو ڪيو هو ته ان کان ٽي سؤ سال اڳ اسلام سنڌ اندر داخل ٿي چڪو هو آخران ۾ ڪهڙو راز هو؟ هڪ هندو دانشور جي حيثيت سان مون کي ان ۾ خدا ئي حڪمت جو

هٽ نظر اچي ٿو اسلام ٻهريون دفعو هن ملڪ ۾ هڪ فراخ دل دوست خدائي تنبيهه جي شڪل ۾ نروار ٿيو.

سنڌ ۾ اسلام هندستان ڀرجي هندن جي لاءِ هڪ تنبيهه هئي ته هو خانه جنگي ۽ خون ريزي ۽ بدڪرداري ۽ بدعلمي کي ڇڏي حقيقي مذهبي روحاني زندگي اختيار ڪن. پر هندوستان هن آواز ڏانهن توجه نه ڏنو ۽ ان جي ابتڙ هو موت ڏانهن وڌندا رهيا. انهن ٽن سؤ سالن ۾ حڪمرانن ۾ خير سگالي جو جو جذبو قائم نه ٿيو ۽ نه وري روحاني زندگي ۾ ترقي ٿي. اها ڳالهه واضح آهي ته هندستان جا وڏا وڏا ڏاها ۽ دانشور ۽ ليڊر مسلم دور حڪومت ۾ پيدا ٿيا. جيئن رامانند. رامانج ، چيتنيا ۽ نانڪ وغيره. شنڪر اچاريه ان وقت هندستان کي ڪجهه روشني ڏيکاري جڏهن اجان هتي زوال شروع نه ٿيو هو.

خلاصو هي آهي ته ٽن سؤ سالن تائين اها تنبيهه جاري آهي. پر هن طرف توجه نه ڏنو ويو. "هندستان تباهي ڏانهن ڊوڙندو رهيو. تنهن ڪري ضروري هو ته ڀارت جي ڪن مهٽ ڪئي وڃي ۽ کيس سبق سيکاريو وڃي. اهو سبق غزنوي ۽ غوري حڪمرانن جي ذريعي سيکاريو ويو. هندستان کي جاڳائڻ جي ٻي ڪا به صورت باقي نه رهي هئي ، مون کي يقين آهي ته هندو مندرن کي ڊاهڻ جو سبب جتي اهو هو ته اهي مندر جادو جو مرڪز هيا. اتي اهو هڪ خدائي امر پڻ هو. ٿي سگهي ٿو ته سلطان محمود غزنوي رح کي اهو معلوم نه هجي. پر ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هو هندستان ۾ خدا جي پاران موڪليل هو. هندو هجڻ جي حيثيت سان منهنجو يقين آهي ته هر ڪم جي پٺيان خدا جو هٿ هوندو آهي ۽ مون کي يقين آهي ته الله جي علم ۽ ارادي کان سواءِ ڪجهه به ٿي نٿو سگهي. ۽ ان جي منظوري ۽ مرضيءَ کانسواءِ ڪجهه به نٿو ٿئي جيڪڏهن اوهان کي يقين آهي ته خدا آهي ۽ سيئي ڪم ان جي مرضي سان ٿين ٿا ته پوءِ هي مندر جيڪڏهن واقعي خير ۽ ڀلائي جا مرڪز هيا ته الله انهن کي ڇو تباه ڪيو ؟ تاريخ جي



مطالعي مان ثابت آهي ته هي مندر خير جو ذريعو نه هئا. تنهن ڪري ٽن سو سالن جي تنبيهه کان پوءِ انهن کي دنيا تان مٽايو ويو . اسلام جي آمد کان پوءِ هندستان ٻيهر متحد ٿي ويو ۽ انهن مرڪزن مان گهڻو ڪري جادو جي لعنت ختم ٿي ويئي ۽ ملڪ جو حالتون سڌرڻ لڳيون. مون کي يقين آهي ته تاريخ جا شاگرد انهن حقيقتن کي دلي طور تسليم ڪندا.

# اسلام ڪيئن ڦهليو ؟

## (مسٽر آئزڪ ٽيلر)

مسٽر آئزڪ ٽيلز 19 صدي عيسوي جو هڪ مشهور يورپي عالم آهي ۽ ڪينن جي عهدي تي فائز هو. جو بشپ وانگر اعليٰ مذهبي عهدو آهي. سندس هي مضمون 1887عيسوي ۾ سينٽ جيمس گزٽ لنڊن ۾ ڇپيو هو. هتي ان جا ڪي حصا ڏجن ٿا.

اسلام جي باري ۾ اسان کي اها ڳالهہ مڃڻي پوندي تہ هو پنهنجي واعظانہ ۽ ناصحانہ طاقت جي اعتبار کان مسيحي مذهب کان گهڻو وڌيڪ ڪامياب ثابت ٿيو آهي، نہ فقط اهو تہ دنيا ۾ اسلام تي ايمان آڻيندڙن جو تعداد عيسائيت کان وڌيڪ آهي، پر ڪن ملڪن ۾ تہ عيسائي مذهب اسلام کان شڪست کائي رهيو آهي ۽ مسلمان قومن کي عيسائي مذهب ۾ داخل ڪرڻ جو سموريون ڪوششون ناڪام ثابت ٿي رهيون آهن. نہ فقط اهو تہ هن وقت اسين مسلمان ملڪن ۾ پنهنجا قدم ئي نٿا ڄمائي سگهون، پر اسان کي پاڻ کي بچائڻ پڻ مشڪل ٿي پيو آهي. هن وقت اسلام مراڪش کان وٺي جاوا تائين پکڙيل آهي ۽ وچ آفريڪا ۾ بہ تيزي سان وڌي رهيو آهي، هندستان تي مغربي تهذيب جيڪا هندو مذهب تي اثر وجهي رهي آهي، پر اسلام لاءِ رستو صاف ڪري رهي آهي هينئر هندستان جي ساڍن پنجويهن ڪروڙين مان پنج ڪروڙ مسلمان آهن. آفريڪا ۾ اڌ کان وڌيڪ مسلمان آهن. عيسائي مذهب بذات خود ڪا طاقت نہ آهي، هو هندوستان ۽ آفريڪا ۾نهي علائقن ۾ اسلام جي مقابلي ۾ پوئتي هٽندو پيو وڃي. آفريڪا جا حبشي جيڪي نالي ماتر عيسائي آهن. اهي جن پوت وغيره جي پوڄا ڪري رهيا آهن. اهو چئي سگهجي ٿو تہ آفريڪا ۾ ڪا



قوم جڏهن هڪ دفعو اسلام قبول ڪري وٺي ٿي تہ ان کان پوءِ اها ٻين بتن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏي ٿي ۽ عيسائي مذهب پڻ قبول نہ ٿي ڪري.

اسان کي اهو بہ قبول ڪرڻ گهرجي تہ اسلام جي اندر غير مهذب قومن کي مهذب ۽ ترقي يافتہ بنائڻ جي تمام وڏي صلاحيت موجود آهي. اسلام تهذيب ۽ تمدن کي پکيڙڻ جي معاملي ۾ عيسائي مذهب کان وڌيڪ ڪوشش ڪئي آهي. آئون تسليم ڪريان ٿو ، مشنرين جي رپورٽ تي مون کي اطمينان ناهي. هڪ حبشي قوم جڏهن اسلام قبول ڪري ٿي تہ هن مان مورتي جي پوڄا، جنن جي پوڄا، روحن جي پوڄا، جاندار ۽ بي جان جادو وغيره جهڙا وڏا وڏا ڏوهہ ختم ٿي وڃن ٿا، هو اگهاڙپ ڇڏي ڪپڙا پائڻ لڳي ٿي، گندگي جي جاءِ تي صفائي اختيار ڪرڻ لڳي ٿي، عزت نفس جي زندگي گذاري ٿي، مهمان نوازي کي مذهبي فرض سمجهي اختيار ڪري ٿي، شراب نوشي ختم ٿي وڃي ٿي، جوا رخصت ٿي وڃي ٿي، بيحيائي ناچ گانو مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ ملڻ بند ٿي وڃي ٿو. عورتن جي عزت۽ حفاظت ڪرڻ سٺن اخلاقن ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. سستي جي جاءِ تي محنت اچي وڃي ٿي، ذاتي خود داري قانون جي حيثيت اختيار ڪري وڃي ٿي، خانگي جهيڙا جهڳڙا بند ٿي وڃن ٿا، جانورن ۽ غلامن سان بي رحمي ختم ٿي وڃي ٿي، انسانيت نوازي رحمدلي ۽ پاڻ ۾ الفت اچي وڃي ٿي، سڄي دنيا ۾ گهٽ ۾ گهٽ شراب جو استعمال مسلمانن ۾ آهي، ان جي ابتڙ يورپ ۾ شراب نوشي، بدڪاري ۽ بداخلاقي کي ترقي جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو. اسلام، تهذيب پڻ سيکاري ٿو. لکڻ ۽ پڙهڻ، سٺو لباس پائڻ، صفائي سان رهڻ، سچائي ۽ نفس جو وقار قائم رکڻ، اسلامي تهذيب جون بنيادي خاصيتون آهن. برائي کان روڪڻ ۽ تهذيب وتمدن پکيڙڻ ۾ اسلام نهايت حيرت انگيز ڪردار ادا ڪيو آهي.

### هندوستان ۾ اسلام

مسٽر ڪينن ٽيلر پنهنجي انهي مضمون جي اشاعت کان پوءِ لنڊن ٽائميس جي ايڊيٽر ڏانهن هڪ خط لکيو آهي، جنهن ۾ هو لکي ٿو منهنجا اهي الفاظ جنهن تي تمام گهڻي تنقيد ٿي آهي، هي آهن تہ ايشيا ۽

آفريڪا ۾ اسلام هڪ واعظانہ مذهب جي حيثيت سان عيسائي مذهب کان وڌيڪ ڪامياب رهيو آهي ۽ مسلمانن کي عيسائي بنائڻ لاءِ اسان جو سموريون ڪوششون بيڪار ثابت ٿيون آهن. ان ڏس ۾ سڀ کان اول هندستان جو جائزو وٺڻ گهرجي، جتان جي صحيح صحيح رپوٽ اسان جي آڏوآهي. 1871ع ۽ 1881ع جي وچ ۾ يعني ڏهن سالن جي عرصي ۾ هندستان جي مسلمانن جي تعداد ۾ جيڪو واڌارو آيو آهي، اهو ٻيا نوي لک چاليهہ هزار آهي، يعني 25 فيصد جي حساب سان واڌ آئي آهي، جيڪڏهن اسين انهيءَ قدرتي واڌ کي جيڪا پيدائش جي زيادتي ۽ موت جي ڪمي جي ڪري ٿي آهي. ان کي شمار نہ بہ ڪيون تڏهن بہ نون مسلمن هندو ۽ عيسائي مذهب ڇڏي اسلام قبول ڪيو آهي، انهن جو تعداد ساليانو ڇهن لکن جي لڳ ڀڳ آهي. مسلمانن وٽ نہ پگهار دار مبلغ آهن ۽ نہ انهن ۾ ڪا وڏي جماعت آهي، جيڪا پنهنجي دين کي پکيڙڻ ۾ سرگرم هجي، بلڪ مسلمان بنائڻ ۾ ڪن دردمند ۽ حوصلي مند مسلمانن جي انفرادي ڪوشش کي عمل دخل آهي ۽ ڪجهہ وري ان ۾ اسلام جي فطري ڪشش کي بہ دخل آهي، ان جي ابتڙ جڏهن تہ عيسائين جي پشت تي طاقتور حڪومتون پڻ آهن. اقتدار ۽ بي شمار دولت خرچ ڪرڻ جي باوجود نون عيسائين جو تعداد وڏي ڇڪتاڻ کان پوءِ بہ نون مسلمن جي ڏهين پتي مس آهي .



# هندستاني تهذيب جي ترقي ۾

## ( اسلام جو حصو )

مسٽرسي مهتا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس جي سالاياني اجلاس منعقده 1921ع مظفر نگر ۾ هڪ مقالو پڙهيو هو. هتي ان جا ڪي حصا ڏجن ٿا.

**جزيرة العرب جو عروج**

ستين صدي جي جي شروعات ۾ اهڙي ڪابہ علامت موجود ڪون هئي، جنهن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي تہ ويران سرزمين ٻيهر ڪا آباد ٿيندي، جتي ڪل انساني آبادي فقط 20 هزار هئي ، ان زماني ۾ ڪعبة الله جي ڪري مڪه معظمہ زيارت ڪندڙن جو مرڪز هو. ۽ هن مقدس عبادت گاه جا متولي بدوي قبيلن جا فرد هئا، مدينو جيڪو رسول عربي صلي الله عليہ وسلم جو شهر هو. ڪجين جي ڪري چڱي جاءِ تي هو. هتي 15 هزار ڪن ماڻهو آباد هئا، پيغمبر اسلام جي زندگي جا آخري ڏهہ سال انهيءَ شهر ۾ گذريا.

622ع ۾ جڏهن رسول ڪريم صلعم جن مڪي کان مديني هجرت ڪئي تہ اهو سال انساني تاريخ لاءِ هڪ نئين دور جو آغاز ثابت ٿيو هو. عيسائي مجوسي ۽ يهودي پاڻ ۾ لڳاتار وڙهندا رهندا هئا ۽ انهن جون اهي لڙايون بناڪنهن نتيجي جي هلنديون پئي آيون، پر حقيقت ۾ ان وقت عالمي سطح تي هڪ نئين طاقت اڀري رهي هئي. ۽ نئين زندگي نمودار ٿي رهي هئي. پيغمبر اسلام جي وفات کانپوءِ 25سالن جي اندراندر ايران، آرمينيا، شام ۽ مصر جا پاڙيسري ملڪ اسلام جي تابع ٿي ويا، اٺين صدي جي وچ ۾ اسلامي حڪومت جون حدون سنڌونديءَ کان وٺي اسپين تائين، ۽ چين کان وٺي اوقيانوس سمنڊ جي ڪناري تائين پکڙجي ويون، اسلام

جي انهي غلبي جو سبب اهو هو تہ هر جاءِ تي مسلمانن جو مقابلو جاهل ۽ غير منظم قومن سان ٿيو اهي قومون جيڪي دهشت گردي ۽ غارتگري جو شڪار هيون ۽ سياسي احساس ۽ شعور کان محروم هيون. انهن ملڪن جي حڪمرانن کي رعيت جي ڪا خبر نہ هئي تہ اهي ڪهڙي حال ۾ آهن. اهڙي صورتحال ۾ اسلام انهن کي هڪ نئون سياسي نظام ڏنو جنهن جي ڪري عوام کي اهڙيون روايتون مليون، جنهن کان هو اڳ محروم هئا. رومي سلطنت جو تمدن جنهنجي خاصيت غلاميءَ سرمائيداري هئي _ اها ناڪام ٿي چڪي هئي، يورپ جو ادب، تهذيب ۽ معاشرتي نظام جڏو ٿي مٽجي چڪو هو. (تفصيل لاءِ ڏسو تاريخ مصنف ايچ. جي ويلز صہ 320)

**دعوت عمل**

ڪڏهن ڪڏهن اها حقيقت وسري ويندي آهي تہ خيالات ان وقت قابل قدر ليکيا ويندا آهن، جڏهن انهن کي عملي شڪل ۾ پيش ڪجي، اهو صحيح آهي تہ ستين صدي ۾ اسلام جن خيالن جي اشاعت ڪئي، هندستان، ايران، روم ۽ يونان جون قديم تمدن واريون قومون انهن خيالن کان ناواقف ۽ محروم هيون، ان ڪري اسلام دلين ۾ عظيم الشان انقلاب برپا ڪيو. توحيد جو عقيدو خاص ڪري هندوستان وارن لاءِ نئون ڪونہ هيو پر ان جي باوجود هتي بت پرستي انتها تي پهچي چڪي هئي . اسلام جي قوت ۾ سڀ کان وڌيڪ اثر ان جي سادگي ۽ رحم دلانہ دعوت عمل جي ڪري هئي اسلام ۾ رواداري عام هئي، اسلامي اخوت ۾ نسلن ۽ قومن جي فرق کي تسليم نہ ڪيو ويو ان سان گڏو گڏ بت پرستي ۽ باطل وهمن جو پڻ اسلام انڪار ڪيو ويو هو. تنهن ڪري جيڪو شخص بہ اسلام ۾ داخل ٿي ويندو هو تہ ان کي عبادت ۾ معاملات ۾ مڪمل عملي مساوات حاصل ٿي ويندي هئي، اڪيلي خدا ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻڻ اهو هن عظيم الشان برادري ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪافي هو اها برادري نسلي فرق وڏ نندائي



کان پاڪ هئي. رسول عربي جو هي ارشاد آهي تہ هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي.

**عورت جو حق ملڪيت**

اسلام جي تعليم کان ايران، هندوستان، چين ۽ قسطنطنيہ جون قديم تهذيبون حيرت زده ٿي ويون. ايتريقدر جو ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي، رسول عربي صلعم جن عورتن کي وراثت ۾ حق ڏنو، غلامن کي بہ ساڳي خوراڪ ۽ لباس ڏيڻ جي تاڪيد ڪئي، ۽ علم جي طلب ڪرڻ لاءِ چين تائين وڃڻ جي نصيحت ڪئي ويئي آهي .

منهنجو عقيدو آهي تہ ان نئين مذهب جا علمبردار سرحد کان داخل ٿين ها تہ هندوستان کي پنهنجي استقبال لاءِ تيار ڏسن ها، پر جيڪڏهن هو پنهنجي ملڪ جي دولت تي قناعت ڪن ها، ۽ حڪومت ۾ پنهنجي عملي اخلاقيات کي دخل نہ ڏين ها، ڇاڪاڻ تہ سندس اخلاقي تعليم باوجود پنهنجي سادگي جي قدم قدم تي هندو مذهب جي نظام سان ٽڪر کائي ٿي. هاڻي اچو تہ چند اهڙن مسئلن تي نظروجهون، جن ۾ اڄ کان هزار سال اڳ هڪ شائستہ هندو ٻئي ملڪ جي مسلمان جي دخل اندازيءَ کي ڪيئن نہ ناگوار محسوس ڪندو هوندو. مثال طور عورت کي هندو شڪتي يعني قوت سان تعبير ڪندا آهن. ديوتا بہ اتي ئي رهن ٿا. جتي عورت کي پوڄيو وڃي ٿو پر طاقت جي هن مجسم خزاني کي ديوي مڃيو وڃي تہ مڃيو وڃي. پر سوال هي آهي تہ ڇا معاشرتي نظام ۾ هن کي جدا حيثيت سان مڃڻ ضروري هو؟ ۽ خاص ڪري ان حالت ۾ جو ڪنهن جي ڪا ڌيءَ هجي يا زال، ان کي مرد پوڄاري جي محبت جي نگرانيءَ ۾ رکڻ جي بجاءِ وراثت جا جدا حق ڏيڻ تہ ڇڻ ان ديوي کي تخت تان لاهڻ جي برابر هو، اهڙي طرح مڙس جي چتاتي عورت جو جيئري سڙي مري وڃڻ بہ هڪ وڏي ڪاميابي سمجهي وڃي ٿي. يقينا ائين ڪرڻ سان هندن ۾ عورت جو ايثار ۽ ان جي شخصيت جي عظمت ٿي وڃي ٿي، پر عورت جو بي گناه

موت بہ اهم مسئلو آهي، مسلمانن ۾ عورت جي خوبي اها ناهي تہ هن کي ساڙڻ جهڙن سخت امتحانن مان گذاريو وڃي، ٻين معاملن وانگر هن معاملي ۾ بہ مسلمانن جي سوچ ۽ تعليم هندن ۽ عيسائين جي تعليم کان زياده عملي آهي، اسلام کي هندوستان ۾ آئي، هڪ هزار سالن کان وڌيڪ زمانو گذريو آهي، پر وراثت جي مسئلي ۾ پڻ هندن مسلمانن کان ڪجهہ بہ نہ سکيو آهي. جيستائين هندو عورت جو تعلق آهي تہ هن وقت تائين ڪجهہ بہ نہ سوچيو ويو آهي، حالانڪ مرد سان گڏ عورت کي بہ وراثت مان حصي ڏيڻ جو سوال ايترو تہ وزنائتو آهي جو ان کان انڪار ڪرڻ جي ڪاگنجائش نہ ٿي نڪري. اصل ۾ هندو ذهنيت هڪ چاپلوس ذهنيت آهي. هو ڳالهہ تہ تسليم ڪري سگهي ٿي، پر ان تي عمل کان لنوائي ٿي.

### اسلام ۾ مذهبي اڳواٽي لاءِ ڪو گروه موجود ناهي

هندو مذهب ۾ عقيدا رکڻ ۽ عبادتن ڪرڻ جي معاملي ۾ هر قسم جي آزادي موجود آهي. جيڪڏهن اسلام عقيدن ۽ عمل تي زور نہ ڏي ها تہ هندو مذهب يا تہ اسلام کي پنهنجي اندر جذب ڪري ڇڏي ها، يا هن کي ڪا اهميت ئي نہ ڏي ها. اسلامي عقيدن ۾ ڪا معمولي شيءِ بہ اهڙي نہ آهي جيڪا اڄ کان هزار سال اڳ راسخ العقيده مسلمانن لاءِ ناقابل قبول هجي ها. مسلمان رسول ڪريم جي سادي ۽ صاف تعليم کي روزمره جي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ تي يقين رکن ٿا.

اسلام توحيد پرست دين آهي، هن ۾ نہ تہ شنڪري وحدت الوجود وانگر موشگافيون ۽ هيراڦيريون آهن نہ وري وحدانيت جا چڪر. جيئن تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو پيغام عام انسانن لاءِ هو ان ڪري ان ۾ انساني نفسيات کي چڱي طرح ملحوظ رکيو ويو آهي، جيئن تہ اسلام ۾ مذهبي اڳواٽي يا پروهتن وانگر خاص طريقو مقرر ٿيل نہ آهي، تنهن ڪري اسلام بہ زماني جي اثر کان پوري طرح محفوظ رهي نہ سگهيو.



اهو صحيح آهي تہ تاريخ ۾ اسلام جا ڪي عالم بادشاهن ۽ عوام ۾ گهڻو مقبول رهيا آهن پر هندو برهمڻ يا عيسائي ڪليسا کي جيڪو تقدس حاصل آهي اهو تقدس مسلمان عالمن کي هر گز حاصل نہ هيو . ان جو سبب اهو بہ آهي تہ مسلمانن ۾ عالمن کي مذهبي اعتبار سان ڪا ممتاز حيثيت حاصل نہ آهي، هندوستان ۾ اسلام ڪا نئين قوم آڻي آباد نہ ڪئي هئي، اسلام پاڻ سان گڏو هڪ نوراني مشعل راه ڪڻي آيو هو جنهن انهيءَ اونده کي ختم ڪيو. جيڪا قديم زماني کان وٺي هتي ڇانيل هئي، اسلام ٻين ملڪن وانگر هندوستان ۾ بہ سياست کان وڌيڪ افڪار ۽ خيالن جي دنيا ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي، بدقسمتي سان هن ملڪ ۾ اسلام جي تاريخ صدين تائين حڪومت سان وابستہ رهي. حڪومت سان اسلام جي تعلق جي ڪري اسلام جي اصليت ۽ حقيقت سامهون اچي نہ سگهي، اسلام جو فيض ۽ برڪتون سياست جي اوٽ ۾ لڪي ويون. تن ڇئن صدين جي اندراندر مشرق ۾ ايشيا جي ڪيترن ئي علائقن. جاوا، سوماترا ۽ چين، هو ڏانهن اولهہ ۾ اسپين ۽ هنگري تائين اسلام جو پکڙ جڻ ڪو اتفاق نہ هو. اسلام کي اهي ڪاميابيون ان ڪري بہ حاصل ٿيون جو قديم دستور، رواج ۽ مذهبن مان روح موڪلائي چڪو هو ۽ نئون مذهب قوت ۽ جوش خروش سان سامهون آيو هو.